# اَجهَل پياس

(غزل)

هوتوُ ”سنڌوُ پياسي“

# AJHAL PYAS

Collection of Sindhi Gazals
Written by
HOTU "sindhu piyasi"

Presented by
www.sindhigulab.com
a complete Sindhi web magazine

# ٻہ اکر...

پريہ سنڌو پياسي، اميد تہ ايشور جي ديا سان مزي ۾ هوندين. تو لکيو آهي تہ منهنجي نئي ڪتاب ”اَجهل پياس“ لاءِ ٻہ اکر لکي موڪليان. پيارا مان هاڻ اُن اسٽيٽيءَ ۾ نہ آهيان، ڪارڻ تہ هاڻ ڪوبہ سلسلو ڪنهن بہ ويچار تي نٿو بهي. ٻيو اکيون بہ نهايت گهٽ ڪم ڪري رهيون آهن. منهنجي نيڪ خواهش سدائين توسان گڏ آهي. تون سنڌي ادب جي شاعريءَ رستي بخوبي شيوا ڪري رهيو آهين، اها ڪا گهٽ ڳالهہ نہ آهي. تون لکندو آهين تہ ٻيا بہ ٩ ڪتابن جيترو ميٽر غزل جي فارم ۾ لکي رکيو آهي. پيارا توکي شاباس آهي. لڳاتار لکندو ٿو رهين اهو بہ غزل جي فارم ۾. غزل شاعريءَ جي ڏکي صنف آهي ۽ تون ڏکي صنف تي قلم هلائيندو رهيو آهين. تنهنجا هن کان اڳ ۾ ٩ ڪتاب مجموعا شاعريءَ جا شايع ٿي چڪا آهن. ٻن ڪتابن تي توکي مان وارا انعام بہ ملي چڪا آهن. مونکي خوشي ٿيندي جيئن اڳتي هلي توکي ساهتيہ اڪاڊمي اوارڊ بہ ملي. هيءُ تنهنجو ڏهون مجموعو آهي. ان ۾ بہ ٨ مجموعا غزلن جا تو سنڌي ادب کي ڏنا آهن. هڪ ڳالهہ وري بہ چوڻ کان رهي نٿو سگهجي تہ سنڌي ادب کي پڙهڻ وارا هاڻ آڱر تي ئي ڳڻڻ جيترا وڃي رهيا آهن پر شاعرن ۽ اديبن جي همت کي داد ڏيڻ کان نٿو رهي سگهجي. هو تڏهن بہ پنهنجي ڌن ۾ لکندا ٿا رهن. ڪتاب ڇپجندا ٿا رهن. اها ئي سنڌي ادب جي بقا جي نشاني آهي. تو لاءِ شڀ ڪامنائون.


گوبند پنجابي

9/3rd Floor, Van Kunthy Building,
Mount Merry Rod, Bandra,
Mumbai - 50

# حق پرستي - پنهنجي طرفان....

جيئرن جو تسڪار، مئلن تي سيمينار اهو آهي سنڌي ادب ۾ وهنوار. اڄ مان جيڪي به مُدا اُٿاريا آهن اهي ڪيترو سچ جي قريب آهن اهو فيصلو توهان پڙهندڙن کي ڪرڻو آهي. بهرحال مون پنهنجي اندر جي اُڌمن کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . اسان جا نقاد خود کي ادب جي اُفق ۾ مٿيرو سمجهي رهيا آهن خاص انهن لاءِ ڪجھ لکڻو پيو آهي. هو جيڪو به لکن ٿا اهو سڀ سچ نه آهي. صرف مبالغو آهي. شاهه سچل سامي صرف سنڌي ادب لکڻ لاءِ رهجي ويو آهي. جيڪو ٿو گهران رسي اهو انهن شاعرن کي ڪٽي ڪجھ پراوا ڪجھ پنهنجا مسڪا لکي ادب ۾ اُيري ويا آهن. موئن کي ڪٽي زندهه شاعرن کي نظر انداز ڪرڻ به اڄ ڪلهه حق پرستي مڃي ٿي وڃي. ڇا شاهه سچل ساميءَ الهام لکيو آهي؟ ڏيندو ڪو ان سوال جو جواب؟ هان وقت جي حالتن کان متاثر ٿي هرڪو شاعر هلڻ چاهيندو آهي ۽ لکندو آهي. اڄ جا شاعر به وقت جي حالتن مطابق لکي رهيا آهن. جيڪي اڄ جا شاعر خود کي وڏو ٿا سمجهن انهن ڪڏهين پنهنجي همعصر شاعرن جي شاعريءَ جي چند چاڻ ڪئي آهي؟ نه، ڇاڪاڻ ته پوءِ اهي خود وڏا رهي نه سگهندا، اهي به اهو نه چاهيندا ته اسان ٻين کي ايتري معنيٰ ڏيون جو هو اسان جي ادبي پيٽ ۾ ڳٽجڻ لڳن، اهو ۽ انهن جا اهي ادبي نقاد به ساڳئي ان مرض ۾ مبتلا آهن. مان ته ائين چوندس ته انهن کي به شاعري جي پرک جو شعور نه آهي. ڪهڙو شاعر آهي جنهن خراب ۽ سنو نه لکيو آهي؟ ڪير چئي سگهندو ته مان پري پورڻ آهيان؟ ڪير به اها دعوائي نٿو ڪري سگهي. پوءِ به هو اڪاڊميءَ جو ساهتيه اڪاڊمي جو اوارڊ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا آهن. ڇا انهن سيني کي سندن ادبي ڪاوش جي ڪري انعام مليا آهن؟ نه، هرگز نه. ياري دوستيءَ جا اثر ۽ چئه چواڻ مسڪابازيءَ جي هنر ڪان به اهي انعام مليا آهن. اها ڳالهه سڀ مڃن ٿا. نارائڻ

شيام، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، هري موٽواڻي جون زنده
شهادتون آهن. ڇا انهن جي مثان شڪ ڪري سگهجي ٿو؟ نہ، هرگز
نہ. هر ماڻهوءَ جو ضمير مئل نہ هوندو آهي. ڇا اسين اديب ۽
شاعر عام انساني ڪمزورين کان آجا آهيون؟ مان تہ پاڻ چوندس
هي پڙهيل سڌريل يا شعوري ماڻهو پيسن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻين جي
پيٽ ۾ پاڻ وڌيڪ چالاڪ چتر خطرناڪ آهن. هي ڄاڻي ٻجهي سڀ
حرڪتون ڪندا آهن. اهي ساڳيا ساڳيان اديب شاعر وڏا آهن پيا
ڪير بہ اُپري نہ سگهيا آهن. ڇا توهان اها ڳالهہ نوٽ نہ ڪئي
آهي؟ مئلن تي سيمينار ٿين ٿا مئلن جي شاعريءَ تي مقالا لکيا
وڃن ٿا.صرف ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي باقي مئلن جي فن شاعريءَ
تي لکيو وڃي ٿو. ڇا اسين مرڻ جو انتظار ڪريون؟ تہ پوءِ هي نقاد
اسان جي شاعريءَ مان گوهر تلاش ڪرڻ جي زخمت ڪندا؟ شايد
اسان جي شاعريءَ ۾ پوءِ آفتاب جا سنهري ڪرڻا ڏسڻ ۾ ايندا.
ڪير آهي سنڌي ادب ۾ نقاد، ڪير بہ نہ آهي. صرف ٻولڙيا ڍولڪي
وڄائي پنهنجو وجود اظهاري رهيا آهن تہ ٻڌو ٻڌو اسين بہ ادب ۾
ڪچ آهيِون، اسان کان سواءِ سنڌي ادب ۾ اونده انڌڪار آهي. پچ
چريا جي مست آيا واري ڪار لڳي پئي آهي سنڌي ادب ۾. مون
تہ صرف ٿورو سچ جو اولڙو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وڌيڪ
تہ مرد ئي سچ جي ساک پريندا.

- هوتو ”سنڌوُ پياسي“

## غزل

دل کي سڪون روح کي، آرام ويو ملي،
اي دوست تنهنجي پيار جو، پئغام ويو ملي.

ڪيڏو نہ وچوڙي ۾ رنم، رات سحر شام،
آخر اوهانجي وصل جو، انجام ويو ملي.

تارا تڪيندي چند سان، اوريو پئي حال مون،
تنها مان هئس زندگيءَ جو، جام ويو ملي.

اکين ۾ سمائي مون رکي، سونهن پيار جي،
لب تي اوهانجي نام کي، آيام ويو ملي.

ڪيڏو نہ دل کي درد تپايو تمام رات،
راڏان جي پيار کي بہ چٽڪ، شام ويو ملي.

هڪ خواب جي تشميل، اکين ۾ تري رهي،
مونکي ئي منهنجي پيار جو، انعام ويو ملي.

آهي اوهانجي عشق جي، بخشيش شاعري،
شايد آ شاعريءَ ۾، الهام ويو ملي.

ڪيڏو پئي جدائيءَ جي لهسن ۾ جلي رهيس،
عاشق تي ’پياسي‘ کي سنڌو نام ويو ملي.

# غزل

ياد تنهنجي اجان نہ وسري ٿي،
عمر ساري ائين ئي گذري ٿي.

ڪيڏي روڪي اٿم ھي اُجہ اُجھل،
دل ۾ آ پياس سا بہ تڙفي ٿي.

ڪنڊا ڪنڊا آ راھہ الفت جي،
اک ڪيڏو اجان بہ ڦڙڪي ٿي.

مون سمايو آ پيار پلڪن ۾،
ڪا گھڙي ياد روئي سڏڪي ٿي.

آھيان چسو مان پوري جو پوري،
ساري دنيا ائين ئي سمجھي ٿي.

ڪيئن وھن خون جون پيون ناليون،
راند سياست بہ اھڙي ڪيڏي ٿي.

ڪيڏي ساڃاھہ آھي شعرن ۾،
شاعري آھي جا موتي ٻڻجي ٿي،

درد ڪيڏو ٿو ڳاري سنڌوءَ جو،
سوچہ روئي اجان بہ پڻڪي ٿي.

# شڪاري نگاھون

گستاخ نگاھن سان نھاري وڃين ٿي تون،
دعوت ڏيئي ڪا پيار جي، ماري وڃين ٿي تون.

تومان تہ دلبريءَ جي اچي، بونءِ ٿي سرھي،
ٻارڻ ڪو منھنجي روح ۾ ٻاري وڃين ٿي تون.

ڇا؛ لئِہ ٿي نگاھن جا ڪسي، تير تون مارين،
ناحق اسان جي دل کي، ڏتاري وڃين ٿي تون.

مدت آ گذري مون نہ ڪڏھين، پيار کي پاتو،
جذبا ڪي مئل منھنجا، جياري وڃين ٿي.

سرھاڻ اچي تو مان ٿي، محبوبا ھئڻ جي،
ديوانو ڪري دل سان، پڪاري وڃين ٿي تون.

شايد ڪا ٻري باھہ اچي، منھنجي جسم ۾،
منھنجي عشق کي ڪيڏو، نکاري وڃين ٿي تون.

اڃ منھنجي تون اکين جي، جھروڪن ۾ لڪي وڃ،
آتش جي بھر ۾ چو، اُتاري وڃين ٿي تون.

ھيءَ راھہ آ صحرا جي، نہ برسات نہ بوندون،
پياسي ھرڻ جان رڻ ۾ چو ڳاري وڃين ٿي تون.

ڪيڏي نہ ڪشش توکي ڏسڻ ساڻ آ اٿي،
منھنجا ستل کي انگ، اُٿاري وڃين ٿي.

# غزل

هر نظر کان يار ٿوري، ٿو عنايت مان گهران،
مان سوالي پيار جو، ٿوري محبت مان گهران.

جهول مون پنهنجي جهلي آ، در اوهانجي تي اچي،
پنهنجي الفت لئہ وفا جي، ڪجھ صداقت مان گهران.

مان نپائيندس محبت، دل جي گهري خلش سان،
نيهن لئہ پڻ ٿو اوهان کان، ڪا رئايت مان گهران.

گر اميرن جي خلافت، مان ڪريان طاقت ڪپي،
ڪجھ غريبن لئہ صداقت سان بغاوت مان گهران.

راهہ گر اوکي لڳي ٿي، عشق جي اصلاح جي،
پيار لئہ ڪجھ پنڌ ڪرڻ جي، ٿوري طاقت مان گهران.

مان سدائين ٻول ٻاڙا، ٿو ڏيان ۽ خود وڻان،
مونکي واٽيءَ لئہ ڪپي ٿي، ڪجھ وضاحت مان گهران.

ياد ۾ ڪجھ سهڻيون شڪليون، پيار وارين جو هرن،
پڻ انهن کان خود لئہ ڪائي، پيو مرووت مان گهران.

شوخ نظرن جي اثر کان، مون بچڻ چاهيو سدا،
هان محبت ۾ ’پياسي‘، ٿو نزاڪت مان گهران.

# زندگيءَ ماري ڇڏيو

زندگيءَ کي زندگيءَ جي، هر ادا ماري ڇڏيو،
آدميءَ کي آدميءَ جي، هر قضا ماري ڇڏيو.

پاڳ کهڙو آدميءَ جو، تو لکي ڪاتب انڌو،
هان غريبن کي جهان ۾، خود خدا ماري ڇڏيو.

ڪا وفاداري نہ ملندي، پڻ حسينن مان ڪڏهين،
عشق وارن کي حسن جي، هر دغا ماري ڇڏيو.

ڌرم ۽ مذهب جي ڪيڏي، آ فضا ۾ گندگي،
ڪن سياسين جي سياست، جي خطا ماري ڇڏيو.

هر ظلم نازل ٿئي ٿو، بيوجا ڪاهل مٿان،
ڪيئن نہ تن کي وقت ظالم، ناخدا ماري ڇڏيو.

واسنا جي جر ۾ جلڪي، ڪيئن نہ ٿيون ڦٿڪي مرن،
پيٽ جي بک هاءِ عصمت، کي جدا ماري ڇڏيو.

منهن تي مسڪا لڳن ٿا، پر پٺيان هردم گلا،
دوستيءَ کي دوستن جي، هر نندا ماري ڇڏيو.

ٿا وڃن ڪاشي ۽ مٿرا، پڻ مديني حج بہ ڪن،
آدمين کي آدمين جي، بد دعا ماري ڇڏيو.

ڪيئن پلايون وطن سنڌڙي، هو اباڻن جو اڃهو،
هاءِ سنڌين کي سياست، جي سزا ماري ڇڏيو.

# غزل

اسانجي زندگي گذري، سدائين غم گذارن ۾،
قسم آهي خدا جو پڻ، سنڌوءَ جي صرف سارن ۾.

اسان آ غم الم پيتو، سدا آبي حياتن جان،
اسانجو آشيانو هو صرف، عشقي منارن ۾

اوهانجي پيار ۾ هر دم، روحاني راڳ پئي ڇيڙيا،
اسان جي درد جي ويڙا، وڳي پئي آبشارن ۾.

اوهانجي حسن تي هرکي، پلائي سڌ سچي وينس،
اسان لئہ هئي خزان هردم، گلابي گل و خارن ۾.

اوهانجي روپ جو جادو، بہ جادو ڇڻ تہ طلسم هو،
اوهان جو حسن هو وينگس، سدائين ڪششدارن ۾.

اوهانجي جسم جي رنگت ۾ هئي سرخي گلابن جي،
انهيءَ جي روشني اجلي، تڙي ڇڻ چنڊ تارن ۾.

سدائين سنڌ سارينديي، رنو هر روز آ 'پياسي'،
وطن لئہ جان ڏيان گهوري، جيئان تو صدق وارن ۾.

غريبن جي حقن جي لئہ، لڙيس هر دم اميرن سان،
هئس مان انقلابي پڻ، ذڪر هو جانسارن ۾.

# وقت جي سزا

هر سزا هر وقت جي، پيا سهون ممڪن نہ آ،
هان زبان هونديبہ ٿي، گونگا رهون ممڪن نہ آ.

ظلم جي دز ۾ جيئون پيا، آهہ مجبوري اِها،
هر مصيبت جي پيا، منهن ۾ پئون ممڪن نہ آ.

اڄ هوائون جي هلن ٿيون، خون سان وهنجي هلن،
ڪيئن خبر هن وقت جي، هر دم لهون ممڪن نہ آ.

جانور جي حد وڃي، پهتو آ آدم جو عيال،
چا سندس جي هر ستم ڪان، پيا ٿهون ممڪن نہ آ.

رائگان ساري هلي ويندي اسان جي ڪشمڪش،
ڪجھ خدا کي منهن تي، ڪو سچ چئون ممڪن نہ آ.

اڄ مري ماڻهو تہ ڪوئي، آ ڪتو رولو مئو،
لاش انساني ڏسي، چپ چپ رهون ممڪن نہ آ.

اڄ ننگي سياست بڻي، ويشيا جيان نت ڪت ڪري،
هيئن سندس جا ناز نخرا، پيان سهون ممڪن نہ آ.

موت جي ڊپ کان ڊڄي، پيا سپ جيئون ڪانئر بڻي،
ڪو غذر خوني سدا، روڪي رهون ممڪن نہ آ.

پيا جيئون بي آبرو ٿي، زندگيءَ جو هر لمحو،
هن وقت ناساز کان، هر دم ٿهون ممڪن نہ آ.

# غزل

ڪي شاعريءَ جا موتي، ميڙي سگهيس مان،
جذبہ خيال دل جا، ڪيڙي نہ سگهيس مان.

صدين ڪان پونجي واد پيا، انساني رت پيئن،
تن جي خلاف جنگ ڪا، ڇيڙي نہ سگهيس مان.

اوتار مچن هان جي لڪان هان سخن سچو،
سي لفظ شاعريءَ ۾، ٽيڙي نہ سگهيس مان.

ڪيڏي نہ حقارت تا غريبن لئہ هت ڏسون،
نفرت جي اُنهيءَ واد ڪي، ٽيڙي نہ سگهيس مان.

ڇولين جي ڇوهہ ڪانئي، ڪناري وڃي پيس،
ڪستي ڪا گهري سمنڊ ۾، گهيڙي نہ سگهيس مان.

ڪي زخم وطن جي ئي وڇوڙي مان ملي ويا،
نشتر ڪو هٽي تن ڪي، اُڌيري نہ سگهيس مان.

جهومائي ڇڏي روح جي، نس نس ڪي غزل ڪو،
تخليق جي سا تند بہ، ڇيڙي نہ سگهيس مان.

پنهنجي وطن جي ياد ۾، وياڪل تا گذاريون،
سرحد جي فاصلي ڪي، لتيڙي نہ سگهيس مان.

لقمي جي لوڀ ڪين متاثر ڪيو ڪڏهين،
خدار پڻ ضمير ڪي، ليڙي نہ سگهيس مان.

# غزل

مان ايڏو عشق ۾ تہ سرابور ٿي ويس،
بيجوڙ محبت جا ڪي، جذبا لکي ڇڏيا.

هر وقت اَمن جي مون ڪئي آرزو مٺي،
جنگ جي خلاف ڪيڏا، اُڌما لکي ڇڏيا.

سنڌ کي مون سنڀاليو آ سدا پنهنجي ساهہ ۾،
پنهنجي وطن جي ورهہ ۾، صدما لکي ڇڏيا.

شعرن ۾ لاک لاهي ڇڏيم، دين ڌرم جي،
قومي ڪي غزل گيت، ترانا لکي ڇڏيا.

ڪيڏو نہ جيءَ ۾ جادو جڳائي ٿي محبت،
ڪيڏا نہ پنهنجي پيار جا، قطبا لکي ڇڏيا.

هيءَ شاعري بہ چيز لڳي ٿي خدائي پڻ،
مون ڪيڏا زماني جا رُتبا لکي ڇڏيا.

پوجا ڪئي مون پيار جي پنهنجو خدا مڃي،
روشن مون انقلاب جا نخسا لکي ڇڏيا.

ڪيڏو نہ غريبن جو بلند حوصلو ڪيم،
هر وقت بغاوت جا نعرا لکي ڇڏيا.

جنهن پيار ڪري مونکي بڻائي ڇڏيو ڪوي،
ان حور ئي هزارين، نغما لکي ڇڏيا.

# غزل

کنهن ٽڏيري واءَ لئہ سڪندو رهيس،
ريت جي ساگر جيان تپندو رهيس.

بيوسي ايڏي جيئڻ جي وئي مٽي،
ڇڻ ڏيڻ ۾ اونهو پئي گپندو رهيس.

وئي هٿن مان ڇڻ تہ ڪسڪي آ حيات،
ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيو جڙندو رهيس.

ويو ڳري سارو جوانيءَ جو وجود،
عشق جي راهن ۾ پئي هلندو رهيس.

شاعريءَ جي ڪين ڪا منزل ملي،
قلم جڳ جي سوچ ۾ گهمندو رهيس.

چلن ماڻهن جو ڏسي سُن ٿي ويس،
گرم لوهي جيان صرف ڪٽبو رهيس.

ڪيئن جيئان مايوس اهڙي زندگي،
هر گهڙيءَ جي ظلم کي سهندو رهيس.

سوال منهنجو آ اِهو پروردگار،
ڇو پراڻي نل جيان ڊهندو رهيس.

## سينگار رس جو غزل

اوهانجي بيوفائي پڻ، يقينن سا سزا هوندي،
وفا وارن لئہ مشڪل ڪان بہ مشڪل سان قضا هوندي.

اوهانجي چاهہ ۾ تڙفڻ بہ آهي ڀاڳ اُلفت جو،
مگر سان پريت پڻ پاڳل، ٽنل ۽ بي بقا هوندي.

اوهانجي نظر جو جادو، ڪري بيوس ٿو روحن کي،
خدارا پيار لئہ ڪجھ ڪڇ، اوهانجي سا وفا هوندي.

اسان لئہ مرم نيڻن جو، وڏي وستو آ دنيا ۾،
اوهانجي مورتي من ۾، وسايون سا خدا هوندي.

توهان ٻاري چٽنگ دل ۾، هوا ڏيو ٿا ادائن جي،
اسين پنيلي وچون ان تي، اوهان جي سا ادا هوندي.

اوهان جي ياد ۾ آنسون، وهايون ٿا سدا ’پياسي‘،
خدارا پيار وارن لئہ، اوهانجي سان دعا هوندي.

ڦٿايون ننڊ نيڻن جي، اوجاڳو ڀاڳ ٿيو جن جو،
اوهانجي روح بگڙيل جي، سا ظالم پڻ دغا هوندي.

# غزل

چلڪي پون ٿا نيڻ، سنپاري سنڌو سنڌو،
تنڙقي ٿو اٿي روح، پڪاري سنڌو سنڌو.

هن درد وطن جي آ ڪيو، روح کي زخمي،
نسير جيان وهن نور، روئاري سنڌو سنڌو.

ڪنهن کي به خدا ائين نه وطن کان جدا ڪري،
ڪيڏا ٿو ڏنگيل ڏينهن، ڏيکاري سنڌو سنڌو.

او ڪاش وطن جو ڪو اچي، واءُ شل ملي،
نياپو ڪو نيهن جو به، ڏياري سنڌو سنڌو.

صدين کان سنڌ خون جا، ڳوڙها ٿي وهائي،
وائيءَ ۾ ڪريون ياد، جيئاري سنڌو سنڌو.

ڪرندي به ڪڏهين ڪاش هي، ديوار مذهب جي،
مذهب کي سدا کان ئي، ڏڪاري سنڌو سنڌو.

انسان صرف پيار وندي، اوت موت ۾،
هيءَ راهه سدا کان ئي، ڏيکاري سنڌو سنڌو.

مان ياد ڪري سنڌ کي، تنڙقان ٿو اندر ۾،
هر روز ’سنڌو پياسي‘، پاڪاري سنڌو سنڌو.

# غزل

دشمن جا وڏي ڪنڌ سندن، ڏيرو ڦٽايو،
سرحد تي وڇي فوجي سخت، پهرو لڳايو.

بيوس ٿو لڳي ڪيڏو اَمن گونگو بڻي پيو،
جنگ خوني اڇي امن تي آ، گهيرو لڳايو.

ڪمزور ۽ ڪاهل لئہ اَمن، ناهي جهان ۾،
طاقت ئي اَمن آهي اِهو، نعرو لڳايو.

مدت کان وطن لاءِ تہ، سڪندا ٿا رهون هت،
ڪيڏو نہ غمن دل جي مٿان، ڦيرو لڳايو.

هر وقت هر گهڙي ۾ پيئون زهر وقت جو،
ڪاتب چو قلم ڦهري بڻي، زهرو لڳايو.

ڪاٿي بہ چڏيو پونجيپتين جي، وجود کي،
ڪا چوٽ ڪريو ڏک بہ سخت، گهرو لڳايو.

ڦيرو ڪو اچي ملڪ ۾، جيئڻ جو ملي حق،
آڏيو ڪو انقلاب اهڙو نعرو لڳايو.

# غزل

زندگي خود ۾ خود سزا آهي،
جڻ ملي ڪيس بد دعا آهي.

سات سورن جو آ مليو سڀ کي،
ماڻهو خود پنهنجو مد خوئا آهي.

ڪهڙا رشتا ۽ ڪهڙا ناتا ڏسون،
هرڪو هت سڀ سان بيوفا آهي.

جان هڪ درد سيڪڙون پالي،
ڪنهن نہ ٻئي سان ڪئي دغا آهي.

ماريون خود ماڻهپو بہ تا پنهنجو،
ماڻهوءَ خود سان نہ ڪئي وفا آهي.

ڪا خوشي آرضي بہ ملندي آ،
غم کي جڻ ڪا ملي غضا آهي.

وقت جڻ خود بہ خود ۾ راوڻ آ،
اڄ تہ هر هڪ ۾ جڻ قضا آهي.

ڪيڏي ماڻين ٿو تون خوشي ’پياسي‘،
خوشي ۽ غم بہ هت جڳا آهي.

# غزل

ڪنهن حسينا جي اکين سان، اک وڃي اٽڪي پئي،
ڇڻ تہ صحرا ۾ اڪيلي، دل وڃي ڀٽڪي پئي.

ڪيترو مايوس جيون، ٿا جيئون هٿ هند ۾،
غير جي قدمن ۾ پنهنجي، عزت جي پٽڪي پئي.

وطن کي ڳهوري ڇڏيوسين، هند جي عظمت مٿان،
پنهنجي قسمت ساري دنيا ۾ ڏسو ڦٽڪي پئي.

وقت جون مارون ٿا کائون، ۽ سياست جي سزا،
ذات بيڪس تي اسانجي، پيڙ تي لٽڪي پئي.

ڪو بہ حق ڪمزور قومن کي نٿي، دنيا ڏئي،
قوم سنڌين جي ڏسو، دنيا ۾ ئي ڇٽڪي پئي.

ڪيترو مايوس ٿي، ساريون اڃان پيا سنڌ کي،
اکين مان ڳوڙهن جي شبنم، ڪيترو ٽپڪي پئي.

ريت جي صحرا ۾ رلندو، ويو سنڌين جو ڪاروان،
ڇيهون ڇيهون تي اسانجي، پاڳ جي مٽڪي پئي.

هان وقت جي زهر کي هٿ، پيا پئون امرت ڪري،
هاءِ ڪومل دل اسان جي، اندر ۾ چٽڪي پئي.

ڪيئن جئندو اڇڻ وارو، ونس پنهنجو شان سان،
قوم سنڌين جي جهان ۾، بيوجا ٻٽڄي پئي.

# غزل

ڪيڏا نہ اميدن جا ستارا ٽٽي پيا،
ڪي خواب محبت رجا ڪنوارا ٽٽي پيا.

چاهت جي سجائي مون ڪنئي ارٽي ڪلهن تي،
افسوس جيئڻ جا ڪي سهارا ٽٽي پيا.

روڪي نہ سگهين درد جي، سيلاب ڪي دل ۾،
من جي نديءَ جا ڪيڏا ڪنارا ٽٽي پيا.

روئن ٿا هي احساس محبت جا اکين ۾،
آنسن جي جنازن جا، شرارا ٽٽي پيا.

مون ڪيڏي ڪئي جستجو هئي توسان ملڻ جي،
نازڪ سي نگاهن جا، اشارا ٽٽي پيا.

رودن جي اچي ڪائي ڇٽنگ دل ۾ سمائي،
سسڪي ۾ اچي دل جا نظارا ٽٽي پيا.

ويراڳي خيالن آ اچي روح ڪي ٻوڙيو،
’پياسي‘ جا غزل گيت جيارا ٽٽي پيا.

# غزل

منهنجي جيجل امان، سنڌي توکي چوان،
تنهنجي نالي ونءَ سان ٿو سڏکي پوان.

تون رهين خوب خوشيِن ۾ جهولين سدا،
پيو دعا مان خدا کان بہ اهڙي گهران.

تنهنجا ڏاهر جيئن، تنهنجا دودا جيئن،
تو لئہ جام - شهادت مان هردم پيئان.

تنهنجي ڇاتيءَ تي غيرن ڪيا جي زخم،
تنهنجي ويرن جا سر ئي پيو لٽندو رهان.

تو جنم مونکي ڏيئي وڏو وڙ ڪيو،
ٿورا تنهنجا مڃان جي نہ لاهي سگهان.

ريج رت جو ڏيان، پاڳ پارو ٿيان،
وير وڙهندا رهن سر ڏين شان سان.

تنهنجا ٻچڙا اسين توکي ساريون سدا،
تونئي جذبن کي روشن ڪرين پئي اجان.

تون وسين روح ۾ خواب تنهنجا لهان،
تنهنجي عظمت ۽ شهرت لئہ هردم جيئان.

مان جيئان يا مران ماءُ تو لئہ جيئان،
تنهنجي قدمن تي هردم پيو سجدو ڪريان.

# هوا جي ڳالهہ

ڪنهن هوا مونکي ڪَنن ۾ هيئن چيو،
مان تہ تنهنجي سنڌ جي آهيان هوا.

ڏس اُڏامي مان اچي توسان مليس،
هت سنڌي مونکي ملن ٿا غم ضدا.

تون ڀلا مايوس ايڏو ڇو رهين؟
مان مٺا تنهنجي تہ آهيان ڏس دوا.

تون صدين ڪان سنڌ جي آهين مٽي،
ڏئي سدائين سنڌ توکي پئي دعا.

تون هتي مايوس هردم ٿو رهين،
سنڌ هتي غمگين آ توکان سوا.

تون لهين نت خواب پنهنجي وطن جا،
وطن جي بيوس بہ آ تو لئہ فضا.

ات اچي مذهب ڪيو داڀو گهڻو،
تون نہ انسانيت جو آهين هموان.

سور صدين ڪان سنا تنهنجي وڏن،
رت اوهانجي ۾ ڀنل ڪي هت هئا.

ويا مري معصوم خود جي پوءِ تي،
سي تہ سڀ گگدام بي ڏوهي هئا.

ٿي نہ تون مايوس منهنجا همر نشين،
مون تہ تنهنجا ئي اچي ڳوڙها اُگهيا.

## هوا جي ٻالهہ - ٢

چئہ نياپو ڏي سنڌوءَ جي واسطي،
سنڌ سورن جا سدا ڳوڙها ڳڻا.

تون پياسي سنڌ جو شاعر عظيم،
تو سٺي آ وقت جي ظالم سزا.

خوش ٿيس ڏاڍو ورائي هيئن چيم،
اي وطن جي هير جڳ جڳ جيءُ سدا.

مان جيئان ٿو هت سنڌوءَ جي نانوَ سان،
سنڌ منهنجي ماءُ، پڻ آهي پتا.

# غزل

او خدا مونکي لکيو تو، ڏي جهان جي خبر چار،
مان ڏيان توري ۾ توکي، تو سمورو هي جواب.

خير آ سڀ خير آ، هت ٻيو مڙوئي خير آ،
ڪو سڱو ڪنهن جو نہ آهي، هرڪو ئي هت غير آ.

ڏس اهي ساڳيا گرم رت جا ڦوهارا پيا ڇٽن،
موت جي دلدل ۾ ڦاٿو، پيو سيني جو پير آ.

هڪ نئون آهي خدا، پيسو روان هن دور جو،
تون خلا ۾ غم ڌئين، هت ٽيو ڪسيرو سير آ.

ازل کان اڄ تائين هلندي ٿي رهي جنگ ۽ جدل،
آدمي وحشي جناور، ڪو زبر ڪو زير آ.

تو ڪيو انصاف جو، ٻيڙو غرق هو خود خودا،
تون نہ خود سمجهي سگهيو آهين تہ آدم ڪير آ.

ڌرم جون ڊونگيون ٽيون پڄن، دين جون ديڳيون ٽپن
دشمني سڀ کي آ پياري، سڀ کان دوست وير آ.

زندگيءَ جو ڪٽ ڪسيرو، هاڻ پڻ ناهي رهيو،
ماس انساني ٿو کاڄي، دئت ماڻهو شير آ.

اَمن جون ڳالهيون هلائي، جاڙون ٿا هٽندا رهن،
جنگ جون تياريون ٿين ٿيون، ۽ اَٽو بم ڍير آ.

اي خدا تون خود ٿو پرکي پڻ سگهين سچ ڪوڙ کي
مون لکيو آ سچ سمورو، هت صرف انڌير آ.

# غزل

ٿانڊاڻ آ ڪا جيءَ ۾، ٿهڪي ٿي سدائين،
سا تنهنجي محبت آ، مهڪي ٿي سدائين.

تو جنهن کي وساري آ ڇڏيو هند ۾ اچي،
سا ٻولي سنڌي آهه جا، ٻهڪي ٿي سدائين.

هر وقت خيالن ۾ رهي، روپ سنڌيءَ جو،
هيءَ حب وطن جي آ، سهڪي ٿي سدائين.

انصاف جي ڪا لهر اٿي، جيءُ ٿي ٻوڙي،
ڪيڏي نه بغاوت اچي، ڇهڪي ٿي سدائين.

تون مونکي ڏي مان توکي ڏيان، سودو سو ڪريون،
مطلب جي دوستي هيءَ، نهڪي ٿي سدائين.

هر پاپ تي پڙدو ٿو پوي، ڪڇ نه لکي ٿو،
لعنت انهيءَ تي ڪيتري، ڦهڪي ٿي سدائين.

هيءَ قوم سنڌين جي به سلامت سدا رهي،
ڪيڏي نه وطن کان سواءِ، ڦٿڪي ٿي سدائين.

هي ڪهڙي پڇڻ جو آ ڪٽي، ڦل خدا ڏنو،
’پياسي‘ جي شاعري پڻ، چمڪي ٿي سدائين.

# غزل

سڀ ڪجهه ٿو اجايو لڳي، وهنوار وقت جو،
ڪوڙو ٿو لڳي يار، ڪوڙو پيار وقت جو،

ڪيڏي نہ ادا ساڻ ڪي، نظرون ٿا ملائن،
ناساز ناگوار لڳي، سار وقت جي.

هر منت هر ڪلاڪ ۾، وهندو ٿا ڏسون خون،
ڪيڏو نہ باوقار آ، اختيار وقت جو،

آدم جي ذات ڪيڏي لڳي خونخوار ٿي،
هر وقت ڏسون روپ ٿا، بيمار وقت جو.

ڪٿ دين ڌرم ماري، ڪٿي رنگ ذات پات،
سهندا ٿا رهون ظلم ۽ تڪرار وقت جو.

ڪيڏيون وسائي پاڻ تي، آدم ڪو لعنتون،
ٿيو وقت پنهنجو پاڻ ۾، آزار وقت جو.

ڪيڏو نہ آدميءَ جو رهي ٿو مئل ضمير،
ڪوئي نہ پيدا آ ٿيو، بدڪار وقت جو.

وهندي ٿي رهي اڄ جي هوا، صرف لال خون،
ڪنهن زور ظلم سان ڪيو، ويچار وقت جو.

ڇرجي پيو آ وقت، هي آدم جو ڏسي روپ،
وحشين کي وحشي ٿي مليو، خار وقت جو.

# غزل

پل پيار نہ اصلي ڏي مونکي، پر نقلي پيار اجان گهرجي،
پيو روح کي رنج ملي هردم، اهڙو آزار اجان گهرجي.

مان سرها چاهيان ٿو برپٽ، ۽ خوب ٿو چاهيان هريالي،
پل قول پيا مهڪن مست بڻي، اهڙو گلزار اجان گهرجي.

پل پرم پيو پاليان دل ۾ مان، پيو ڪوڙا هردم خواب ڏسان،
ٿوي ٿو خوشي چاهيان توکان، اهڙو اقرار اجان گهرجي.

مونکي آ خبر تو مونکي ڪڏهين،دل ۾ آ جڳهہ هرگز نہ ڏني،
پر منهنجي روح پياسي کي، تو جهڙو يار اجان گهرجي.

توکي ٿو خدا مان پنهنجو مڃان سجدو ٿو ڪريان در تنهنجي تي،
تون منهنجي گلي ۾ ٻانهن وجهين، ٻانهن جو هار اجان گهرجي.

مان جوڳ پڇايان جوڳي ٿي، پيو شاعر تو لئہ شعر لکان،
منهنجي غزلن ۾ پرجي اَمرت، اهڙو سُر تار اجان گهرجي.

منهنجي وات مان نڪري وائي ڪا، هر وائيءَ ۾ انصاف هجي،
منهنجا غزل بغاوت ڪان پرڪن، اهڙو فنڪار اجان گهرجي.

پل موت اچي منهنجي سر تي، تون جيءُ جهان ۾ سال سوين،
نت توکي دعائون روز ڏيان، اهڙو جئہ جيار اجان گهرجي.

# غزل

کھڙا نہ عجب کيل، خوابن ۾ ڏسون ٿا،
پنھنجا ئي پاپ پڇ، ثوابن ۾ ڏسون ٿا.

ڪيڏو نہ عقل جو آ، خزانو جھان ۾،
انمول اھو ورثو، ڪتابن ۾ ڏسون ٿا.

ماڻھوءَ جو اصلي روپ، سڄاڻي نہ سگھياسين،
چھري جي مٿان چھرا، نقابن ۾ ڏسون ٿا.

پيسي جي غلاميءَ ۾، گرفتار آدمي،
ڪيڏو نہ گول مال، حسابن ۾ ڏسون ٿا.

ڪوڏيءَ جي برابر نہ، آدميءَ جو ملھہ رھيو،
ڪيڏو نہ گندو ڏوندي، روازن ۾ ڏسون ٿا.

ڪھڙي ٿي موت پيار وفا جي ملي ھتي،
نفرت جا ڪيئي سوال، جوابن ۾ ڏسون ٿا.

ڪمزور ڪيئي سوار بہ شھزور سڏائن،
تن جو نہ سڌو پير، رقابن ۾ ڏسون ٿا.

ڪيڏو ٿو پيداپو بہ رنگي، زلف رنگن سان،
ڪائي نہ ڪشش ڪوڙي، خضابن ۾ ڏسون ٿا.

مھڪي ٿي جواني تہ ڪري، روح کي معطر،
اھڙي نہ تکي بوءِ، گلابن ۾ ڏسون ٿا.

# غزل

ماڻھوءَ جو روپ ڌاري اڇي نانگ ڪکيو آ،
آدم جي ذات آدميءَ کي ماري رکيو آ.

ڪيڏا نہ جڳ جڳن کان، آدميءَ سَٺا ستم،
ڪو ڦھري ظلم کي ٻہ، گھٽائي نہ سگھيو آ.

ڪيڏو نہ آدميءَ ۾ پريل، زھر ٿو رھي،
ڪو آدمي نہ آھي، جنھن وش نہ چکيو آ.

افسوس ٿي مايوس ويو، اَمن جھان ۾،
ھر وقت اَمن جنگ جوٽي، منھن تکيو آ.

دوذغ آ ڪيو جنھن، جھان جو اَمن خوشي،
سوئي تہ حرامي سدا، بيھودو بکيو آ.

اجلا ٿو ڪري پيدا خدا، آدمي ڪيئي،
ماڻھوءَ خود جي منھن تي، ڪالک کي مکيو آ.

نفرت جي ڪئي پوک، ڌرم دين جھان ۾،
صدين کان زھر ڌرم جو، ھر ھڪ ۾ وڌيو آ.

مونکي ٿو لڳي آدمي، خود ڪال جو اوتار،
انسان کي مارڻ لئہ، انسان جميو آ.

# غزل

کھڙا مان ٻڌايان پلا، پئمانا عشق جا،
گھايل تا لڳن سارا ھي، افسانا عشق جا.

مون ڪيڏو محبت کي، سنڀاليو ھو ساھ ۾،
ورثي ۾ مليا ڪيڏا ھي، ويرانا عشق جا.

ھر سواس ۾ آ پيار جو، ھڪ درد سمايو،
ڪيڏا نہ مليا درد ۾، نذرانا عشق جا.

ڪيڏي نہ گھري چوٽ حسن ڪن تي ڪئي پئي،
ھر ھنڌ پئي مليا ڪيئي سي، بيگانا عشق جا.

ھڪ سوز سندن روح ۾، رودن پئي مچايو،
جھرندا بہ ڏٺم ڪيئي پئي، ديوانا عشق جا.

ڪنھن ڪنھن جي اکين مان پئي وھيو عقص شرابي،
سڪندا ٿي رھيا رند ڪي، مئخانا عشق جا.

محفل ۾ جلي روز ٿي، شمع انتظار ۾،
جلندا بہ شمع تي رھيا، پروانا عشق جا.

ھيءَ ڪيڏي محبت جي آرزو ٿي ستائي،
نيڻن جا لڳن تير ٿي، نيشانا عشق جا.

# غزل

چهري تي لکيل تنهنجي وفائيءَ جو باب آ،
ڪيڏوءنہ سندر پيار جي، دل جو ڪتاب آ.

اکين ۾ تنهنجي مست جواني تري رهي،
ڪيڏو نہ ڪشش دار، انهيءَ جو شباب آ،

تنهنجون نگاهون چڙهَ ٿيون لڳن شهنشاهہ جون،
ڪيڏو نہ تنهنجي چال ۾، دلڪش رعاب آ.

مرڪي ٿي جڏهين چڙهَ تہ ڪنول جا ٽا ٽڙن گل،
سرهاڻ تنهنجي سونهن ۾، عطر گلاب جي.

تنهنجي ٿو ڏسان روپ ڪي، مرڪي ٿي جواني،
نس نس ۾ نشو پرجي وجي، چڙهَ شراب آ.

تصور ٿو ڪريان تنهنجو، تڏهين چرڪ ٽا پون،
ڪيڏو نہ مٺيادار ٿيو، تنهنجو حجاب آ.

او محب متان پلجي ڪڏهين ڏمر پالجانءِ،
شايد نہ لڳي مونکي، سو غم جو عذاب آ.

ديدار تنهنجو گر ٿو خوابن ۾ ٿي وجي،
محبوب منهنجا مون لئہ، تنهنجو ثواب آ.

پاڳل ٿو لڳان شايد، مان تنهنجي عشق ۾،
’پياسي‘ جو تڏهين ٿي ويو، خانو خراب آ.

# غزل

ڳم ٿيو آ خلا ۾، پڻ اَمن جو فرشتو،
هو مري ويو آ کڏھوکو، قبر ۾ پيو آ ستو.

ڪواَمن اچٽو نہ آهي، ڳهرجي سسسپ ڪي جنگ ئي،
پوڪندو رهندو تہ آهي، سامراجي سو ڪتو.

هر طرف آ بوڻ ۽ رت جي، خون جون هوليون جلن،
ڪونو ڪونو هن جهان جو، خون ۾ پيو آ رتو.

رات ڏينهن هنسا هلي ٿي، پيا هلن هٿيار پڻ،
پيا مرن ماڻهو مِرن جان، رت پنل آ هر خطو.

ٿيون وڪامن عورتون، ويشيا ڳهر جي واسطي،
مرد ٿي اونڏو وڃي آ، شهوتي ڪڏ ۾ ڳتو.

خون جا رشتا ٻرن پيا، چڻ ٻري قافور پيو،
پاڙي ٿي ويو رت سمورو، ماڻهو ٿي پيو آ چتو.

ڪيئن هلي ٿي چال سياست، مذهب جي ٿي آ پٺو،
مذهب اڄ جي دور ۾، رت پئندي آ متو.

شرم ٿو ڪيڏو اچي، ڪانئرن جيان جئندا رهون،
جنگ جون ڌمڪيون ڏئي پيو، هند ڪي پاڙيو پتو.

# اُڏام

ملي جي راهہ پيار جي، تہ راهہ گير ٿيان،
تنهنجي الفت ۾ پرين، ڪاش بينظير ٿيان.

لکان مان اهڙو سخن، جنهن جو ڪو نہ ثاني هجي،
هجان شاعر مان شاهہ جان، ۽ نہ دلگير ٿيان.

تنهنجي قدمن تي جهڪائي بہ ڇڏيان سارو جهان،
هجان هان گر مان خدا، يا تہ پهتو پير ٿيان.

ڪريان خيرات ڪرڻ جهڙو، سخي شاهہ بڻي،
ساري جڳ ۾ جي ٿيان، سڀ کان دان وير ٿيان.

بڻان باغي مان، غريبن لئہ انقلاب ڪريان،
ڪاٽيان ظالم پيو گلا، سندرشن جو تير ٿيان.

هجي طاقت بہ شير جهڙي، منهنجا ٻول ٿين،
ملي رتبو بہ وير جهڙو، ڪرم وير ٿيان.

ملي جي مونکي مکڻ، ماکي سنڌ جي ڪاش ملي،
پاڻي سنڌوءَ جو پيئان، ۽ سنڌوءَ جو ڏير ٿيان.

اوتيان اَمرت ئي پيو، ڪاش پنهنجي شعرن ۾،
’پياسي‘ دنيا ۾ وڏو، شاعريءَ جي مير ٿيان.

# وقت جو مزاج

ڪيڏو آ ستم وقت جو، آدم سهي رهيو،
هر طرف بونءِ رت جي، لهو آ وهي رهيو.

خاموش رهڻ ۾ پڻ اڄ ڪلهه پلائي آ،
هي وقت حرامي آهي، بيحد بڪي رهيو.

ناحق ٿا ڪريون پوڄا، خيالي خدا جي هت،
هي ٺل خيالن جو، پراڻو ڍهي رهيو.

ڪهڙيون نه ڪلابازيون، ڏيکاري رهيو وقت،
هر آدمي آ ستم، سندس جو سهي رهيو.

ماڻهو ٿو جيئڻ چاهي، درازي عمر جوان،
ڪهڙا نه حسين خواب، به آدم لهي رهيو.

ڪوست پيداپو ڪين قبولي ٿو آدمي،
گيسن ڪي ڪري ڪارو، جوان آ ٿهي رهيو.

آدم ٿو ڪائي ڀوندي، ڏرم دين جو هر دم،
ڏسندي اعمال تن جا، وقت آ نچي رهيو.

بخشي نٿو هي وقت، گنهگار کي ڪڏهين،
هر حال ولوڙي به ڪڍي، آ مهي رهيو.

ڪوئي نه ڪري وس ۾ سگهيو، وقت بادشاهه،
ماڻهو به ڪيڏو خود جو، نرڙ آ گهي رهيو.

# غزل

چا چا رشتا چا چا ناتا، واسنا جو کيل آ،
زندگي قدرت جو ٺاهيل، هڪ انوکو جيل آ.

نار نر جي جوڙ لئہ، آهي رچيل سنسار هي،
سونهن هن سنسار جي لئہ، ٿيو ٻنهي جو ميل آ.

ٿيو قتل عارت اَمن جو، جنگ لڳي هر دم سجاڳ،
وقت هن خوني دريدي جو ڏسو هي فيل آ.

ڊور جيان وهندو رهي ٿو، آدمي هر پل هتي،
يا حياتي بار ڊوئي، چڙ لڳي ٿو بيل آ.

ٻاڳ تي ٻاڙي وهي جو، آدمي ڪاهل ٻڌي،
زندگيءَ جي هر شعبي ۾، ٿيندو سوئي فيل آ.

جي چِتا چوڙي وڃي، رڻ واس ۾ واسو ڪري،
ذات عورت جي اَبد ڪان، پيا ٻڏون مڪريل آ.

پيا سکون صحرا ۾ پياسا، ميگهہ جي ملهار لئہ،
ساوڻي برسات جهڙو، مينهن نہ وسيو هيل آ.

اَمن جا هوڪا ڏئي، هٿيار وڪڻي جنگ جا،
امريڪا هر هڪ ملڪ جو، پيڙي ڪيڏندو تيل آ.

جنگ ڪريو هڪ ائٽمي، پل ئي ارب ماڻهو مرن،
نرڪ ٿيو سنسار سارو، جيئڻ تي پيو ويل آ.

# غزل

ڪھڙي نہ گندي خون مان انسان ٺھي ٿو،
انسان جي ئي ٻج مان، شيطان ٺھي ٿو.

ڪيڏا نہ غلط فلسفا، دنيا ۾ هلن پيا،
گندگيءَ مان خدا گاڏ نہ، ڀڳوان ٺھي ٿو.

جا چيز اَمن جي سدا، رکوالي ڪري ٿو،
ان چيز مان ئي جنگ جو، سامان ٺھي ٿو.

ڪا چڻنگ جلي عشق جي، دنيا ٿي سجائي،
جوڀن جو اتي جوش ۽، جولان ٺھي ٿو.

گھايل ٿي ڪري حسن جي، شيطاني ادا پڻ،
مغرور مرد عشق ۾، دربان ٺھي ٿو.

ڪيڏا تہ لڳن ڏنگ، حسينن جي ادا جا،
غمگين صدائن جو، بيابان ٺھي ٿو.

مٽيءَ جي مھڪ ۾ بہ ڪا سرهاڻ پريل آ،
ان مھڪ مان يادن جو، گلستان ٺھي ٿو.

پاڳل جيان تصور ۾ ڪري، پيار جون ڳالھيون،
شاعر بہ تڏھين ڪوئي تہ، انسان ٺھي ٿو.

سنڌوءَ جي اچي ياد تہ، جھرندو ٿو رهي جيءُ،
ڳوڙهن جو ٿڃي بند تہ، طوفان ٺھي ٿو.

# غزل

سهون هر ستم دنيا جو، نہ دل جي ڏاھہ آ نڪتي،
گريبان چاڪ ٿيو پنھنجو، نہ اُف ڪا آھہ نڪتي.

هلڻ چاهيم ٿي دنيا ۾، سريڪو سيني جھڙو ٿي،
مگر ڪجھ سوچ آ اهڙي، نہ ان مان راھہ آ نڪتي.

چلن ڏسنديئي ماڻهن جو، منجهي ٿو ساھہ پڻ هردم،
مگر هر وقت ڏڪنديئي، نہ نڪتي دانهن آ نڪتي.

سهي اشراف ٿو سڀ ڪجھ، ظلم اَنياءُ دنيا جو،
اندر ۾ لڙڻ جي طاقت، نہ نڪتي ٻاھہ آ نڪتي.

ڏسن هي ديد دڪيارا، سنڌوءَ جي ٻوڻءِ هڪ واري،
وطن کي ڏسڻ جي دل مان، نہ ڪائي چاھہ آ نڪتي.

لڳي ويو نيھن آ جنھن سان، وسي ٿي سا خيالن ۾،
گلا شڪوا انهيءَ جي لئہ، نہ ڪڏهين لاھہ آ نڪتي.

سفر ساري حياتيءَ جو، ويو ڪٽجي ڏومائن ۾،
ويس قاسي انهيءَ رچ ۾، نہ مون لئہ واھہ آ نڪتي.

# غزل

وفا ۽ پيا جو خالص، لڳو واپار پيو آهي،
اچوڪو وقت جهڙو بيمروت يار ٿيو آهي.

حسينن مان رکڻ گهرجي، نه ڪائي آس اُلفت جي،
صرف سودو آ جسمن جو، نه ڪوئي پيار ٿيو آهي.

نه سک ۽ شانتي ڪنهن هنڌ،نه عزت مان ڪنهن گهر ۾،
ڏسون ٿا گهر جي پاتين ۾، رڳو تڪرار ٿيو آهي.

ڏسڻ چاهيون ٿا دنيا  ۾، اَمن ۽ شانتي هر جا،
مگر چا ٿو ملي دوست، جهان بدڪار ٿيو آهي.

خبر ناهي خدا چا لئه، هي آدم ذات آ خلقي،
ڏکون ٿا ذات آدم ڪان، جيئڻ لاچار ٿيو آهي.

مذهب جو زهر آ ڦهليو، ڪٽڻ ٿيو ساهه آ مشڪل،
مرن ماڻهو پيا ڪتجي، مذهب تلوار ٿيو آهي.

سدا ساريون ٿا سنڌوءَ کي، وڇوڙو جڻ صدين جو آ،
حياتيءَ جو سفر سارو، لڳي جڻ بار ٿيو آهي.

چوڻ چاهيان ٿو آدم کي، جيئو انسان سڀ بڻجي،
اسان جي شاعريءَ ۾ پڻ، اهو اظهار ٿيو آهي.

سچي آ سون جهڙي هيءَ،لکي مون شاعري 'پياسي'
اسان جو هر سخن سچ جو، سندر سينگار ٿيو آهي.

# غزل

اسان جي اکين ۾، اڃي جي رهو ها،
تہ ڪيڏو نہ سهڻا، انهيءَ ۾ ٺهو ها.

وٺي پيار جي ڪائي، سهڻي نشاني،
وري موت ۾ پڻ، شڪريہ چئو ها.

ملي هان اوهان کي، سڪون زندگيءَ جو،
اڃي ٻڪجي پاڪر ۾، منهنجي پئو ها.

ڪريون ها اگر جي، بہ ٿوري وفائي،
تہ ڪنهن جا نہ تعنا،ڪي مهڻا سهون ها.

اسان دئار دل جو، بہ کولي رکيو هو،
وڃي ٻئي جي در تي، نہ پيرا گهو ها.

اهان جي هجر ۾، آ ناساز طبيعت،
اڃي ڪا خبر، خير جي پڻ لهو ها.

ملائي نگاهون ڏسين هان اسان سان،
خوشيءَ ۾ بہ ڪيڏو نہ ڏاپي پئو ها.

ڏنا زخم دل کي، اوهان جي عداوت،
محبت جو مرڪي، رکو جي پهو ها.

# غزل

سڀ دنيا لڳي صحرا، بدن ٿيو لهو لهان آهي،
سڀ ڌاري لڳي ڌرتي، ۽ ڌاريو آسمان آهي.

وسن ٿا آڳ جا عولا، نمي ناهي فضائن ۾،
حياتيءَ جو ٿيو زخمي، سمورو ڪاروان آهي.

خزان ساڙي ڇڏيا ڪيئي، بہ گونچا سڀ گلابن جا،
اُجڙ ٿي ويو اميدن جو، سڄو ئي بوستان آهي.

حسينن جو ذڪر اڪثر، پڙهون ٿا سڀ ڪتابن ۾،
پرل تن جي دلين ۾ پڻ، دغا جو داستان آهي.

ڏسون ٿا ڪي حسين چهرا، تہ مفتون ٿا ٿيون تن تي،
نہ اجلا روح پڻ تن جا، نہ اجلو گل شفان آهي.

ملن ٿا روڳ ٿي رت جا، هي رشتا ناتا بيهودا،
ڏسون اڄ بيحيائيءَ ۾، رتو پڻ پيو جهان آهي.

جلايون ڪيئن وفائن جي، شمع جيڪا اُجهامي ٿي،
اسان جي پيار لئہ جڳ ۾، نہ ڪو مشڪل ڪشان آهي.

ٻچپن هو ڇڏيسين سنڌ، مگر سارون اڄان آهن،
جگر ۾ ياد سنڌوءَ جي، اڄان تائين جوان آهي.

سدائين ماءُ ۽ پيءَ جو، چيو هردم مڃڻ گهرجي،
سبق سنڌيءَ جو اڄ تائين اسان ڪي برزبان آهي.

# غزل

تون پيار نہ ڏي پل نفرت ڏي، پر سا بہ ڪندس منظور مني،
هيءَ موت آ منهنجي الفت جي، سو وياج نہ آهي مور مني.

مون توکي پائڻ لئہ ڪيڏا، پئي جنم جنم جا روپ مٽيا،
افسوس ائين جمندي مرندي، ٿيو آهيان چڪناچور مني.

مان آس نہ لاهيان الفت مان، هي پيار اَمر آ روحن جو،
هڪ آهي وڇوڙي جو دل ۾، هان مونکي ٿيو ناسور مني.

هر موسم جا تا ڏنگ لڳن، ٿي ياد رهي تنهنجي هردم،
تو ڪونہ مزو ڪنهن رُت مان اچي، هر موسم ٿي آ سور مني.

هن پيار جي آتش ساڙي چڏيو، آ منهنجي من جي گلشن کي،
هر پيار جو پوٽو سڙندو رهي، ٿي هريالي ڪافور مني.

ڪا مند نہ ساوڻ جي سنبران، ٿي صحرا ويو آ روح سچو،
ڪو بادل ڪين وسيو پاڻي، دل ٿي وئي ڏارون ڏار مني.

هر جنم ۾ توکي پائڻ جي، اميد رکي ٿو جنم وڃان،
او محب نہ توکي پائي سگهيس، هر جنم ٿيو مجبور مني.

# غزل

آدمي کيڙين مکوڙين جان چمي وڃندا رهن،
پل اچن پوکم جهان ۾، ڪڇ مري ڪِپندا رهن.

هونئن به ڪيڏي بکمري آ، غور آهي ڪنهن ڪيو،
ڪيئن نه هڪ ٻئي جي لهوءَ کي، آدمي پيئندا زهن.

پل لڳي جنگ ائٽمي، هر مرض جو هڪ ئي علاج،
جيئڻ جا ساڌن جهان مان، ڪيترو گهٽندا رهن.

پيئڻ جي پاڻيءَ لئه ماڻهو، ڪيترو آهن دکي،
ڪيترا روٽيءَ لئه بيوس، ٿي جلي مرندا رهن.

نت ٿين دنگا ۽ جهڳڙا. خون ريلا ٿي وهي،
ڪيترا ڀونگي ڌرم ۽، مذهب لئه وڙهندا زهن.

ڇا اچان دوذغ جي ڪا، تصور ٿيندي آ بري،
نرک جو واتاورڻ ٿيو، ڀوند ٿي سڙندا رهن.

ڪئي جهان جا ملڪ خوني، جنگ جون تياريون پيا ڪن،
بم ائٽم جا بڻائي، پڻ جهڳيون هٽندا رهن.

هڪ نه هڪ ڏينهن موت جي، بارش هتي وسندي ضرور،
تيستائين زندگيءَ جي، مئه پلي پيئندا رهن.

# غزل

ڪنهن مان نہ وفائيءَ جي ملي، ٿي ٻڪي ٻڪي،
مون چاهي پيئڻ پيار جي، ٿوري چڪي چڪي.

هي خون جا رشتا بہ لڳ، ڪيڏو غير ٿا،
تائيندي تن کي ويئي قمر، آ جهڪي جهڪي.

ڪيئن موت جي سائعي ۾ گذر ٿي حيات وئي،
دم ڪيڏو هلي تيز رهيو، آ ڏڪي ڏڪي.

ڪيڏو نہ گندو وقت جو، بگڙيل مزاج آ،
الفت جي ڪئي ڪيتي مگر وئي سڪي سڪي.

ڪيڏو نہ ٿي زبون، وياسين وطن سواءِ،
سياست جو پيئون زهر، اجان پيا رڪي رڪي.

هرڪو نہ ڪري سگهندو، پلائي غريب سان،
هي راهہ هلڻ اوکي آ، سڀ ڪان ڏکي ڏکي.

ٿو ٿا ٿا ڏين واعظ، غلط کي بيان پڻ،
ماري ٿا وجهن ملڪ کي، سياسي مکي مکي.

جڳ ڪيڏا گذاري مون چڏيان ڪنهن جي ياد ۾،
ڪائي نہ خبر محب، اسان کي مڪي مڪي.

ڪنهن دوست دشمنيءَ جو پنيءَ ۾ هنئيو ڇرو،
سوچي حيات ڪيڏو رهي، ٿي دکي دکي.

# غزل

خود پاڻ اندر پنهنجي وجي سوچان ٿو،
هن وقت جي وحشت کي ڏسي لرزان ٿو.

آدم جي زلالت آ ستائيندي رهي،
پاڳل ٿو لڳان سوچي اهو چرڪان ٿو.

هر وقت جيئڻ جي بہ سزا ڪاٽيون پيا،
يارن سان مگر يار جيان گڏجان ٿو.

چاهيان ٿو ملي ڪاش ڪٿان پيار چڪي،
هر دم ٿو سڪي ساهہ سدا تڙڦان ٿو.

ڪائي نہ جيئڻ جي ڪا خلش باقي رهي،
آمد آ موت جي اهو سمجهان ٿو.

گهمندو ٿو تصور ۾ رهان سارو جهان،
غافل ٿو رهان ننڊ کان جاڳان ٿو.

ڪيڏو ٿو رهي روح کي هو ياد وطن،
ڳوڙهن جي آ برسات سدا برسان ٿو.

# غزل

چا لئہ کرين تو مون سان، اجايو ڦڏو ڦڏو،
مان آهيان پلا ڪيڏو پيو، ڏس ٽڪو ٽڪو.

آ ڪيڏو سوچ جو بہ تي ڪارو پيو ذائقو،
شايد ڪڏهين مان هوس، سڀ ڪان منو منو.

هن زندگيءَ بہ ڪيئي، هزارين ڏنا زخم،
هاڻي نہ پڇ مان آهيان، چا ڪان رکو رکو.

ڪائي نہ سگهہ مون ۾، رهي آهي جيئڻ جي،
جهيڻو تو ڳالهائي سگهان، تورو رڳو رڳو.

ڪهڙي نہ لاڏ ڪوڏ سان، ڏاڏيءَ هو نپايو،
پٽ مائٽن ۾ هوس، پياسي لڏو لڏو.

مردانو حسن منهنجو هو تارن مثل ٽڙيو،
هاڻي ڏيئي جي لاٽ جان، آهيان جهڪو جهڪو.

پنهنجن لئہ غير آهيان، اهو وقت پڻ ڏسي،
چوسيل ڳني جيان مان، آهيان ڦڪو ڦڪو.

ڪيڏو نہ سنڌ ۾ ساول، شاداب پڻ هئاسين،
هت آهي مفلسيءَ جو، توري تڏو تڏو.

وقت جي گهاٽي ۾ سدا، بيل جان وهيس،
هاڻي تہ دوستو مان، آهيان جڏو جڏو.

# غزل

هر وقت پاڳلن جان، ڪيڏو نہ وقلان وينو،
دنيا جو درد پالي، هر حال سهڪان وينو.

سچ جو ڪريان ٿو سودو، سچ ساهہ آ سريڪو،
هر ڳالهہ ڳالهہ تي مان، تڏهين تہ مهڪان وينو.

ڏسندو رهان ٿو غربت، ۽ تن جون آهون دانهون،
ڪيڏو نہ دل ۾ پنهنجي، هر وقت ٽهڪان وينو.

پيتي آ ٽيج سنڌ جي، ان جو سرور آهي،
تجلو آ روح ۾ سو، تڏهين تہ مرڪان وينو.

جنهن سان مليون نگاهون، ساروٽي دل ۾ ان جي،
يادن جو زهر پيئندي، اچ تائين تڙقان وينو.

وشواس کي هٽي ويو، دوست پٺيءَ ۾ خنجر،
نڪتو نہ روح مان رت، تڙقان ۽ پڻڪان وينو.

ڪيڏي تي شاعريءَ ۾، منهنجي رهي بغاوت،
’پياسي‘ مان انقلابي، تڏهين سڏجان وينو.

# غزل

ناراض ٿي پيو منهن، سچائي وڃين وڃين،
کهڙي پلا پيو ڏوهه ڪان، شوڪي ڏسين ڏسين.

توکي مون پنهنجي دل جو، همدم مڃيو سدا،
ڏيئو ٿو ڇهڪ دل کي، هاڻي ڪلين ڪلين.

ڪوئي نہ توکي ڏيندو، محبوب ڪي مياريون،
مونکي اڃان ٿو ڪيڏو، منڙو لڳين لڳين.

ڪوئي نہ ٿو سريکو، هت يار هو اسان جو،
کهڙيون ميارون مونتي، هاڻي ڳڻين ڳڻين.

شايد ڪا غلط فهمي، پالي رکي اٿيئي،
ڳاهي بيڳاهي هردم، مونسان وڙهين وڙهين.

محفل ۾ ڪيڏو مونکان، هر دم رهين پري،
پرپٺ ٿو دوستيءَ جون، ساکون پرين پرين.

ماڻهو ٿا پڇن مونکان، ويو يار تنهنجو ڪاٿي،
ڪيڏو نہ موهڻو تون، سڀ کي وڻين وڻين.

ڇا لاءِ دل کي ايڏو، مجبور سمجهي وٺين،
ڳوڙها اکهي تون پنهنجا، هاڻي رئين رئين.

# غزل

اٿيو طوفان آ دل ۾، لڳي ٿو زلزلو آهي،
لڙڻ جي ڪين آ طاقت، نہ اهڙو حوصلو آهي.

ڏسو وهنديون رهن ٿيون رت پنل خوني هوائون پڻ،
قتل غارت جو دنيا ۾، شروع ٿيو سلسلو آهي.

سڄي دنيا مان غائب ٿي، اَمن جي آس هئي جيڪا،
لڳي ٿو ائٽمي جنگ جو، اٿي پيو ولولو آهي.

ٻري ٿي زندگي بيوس، غريبن ۽ اٻوجهن جي،
بکين جي فوج جو هر هنڌ، وڏي ويو ڪافلو آهي.

ڌرم ۽ دين جي هرجا، اٿي بدبوءِ ساڙي ٿي،
هوائن ۾ سڙيل ان جو، سڄو ئي غلغلو آهي.

ڏنوسين ديس پارت ۾، لٿا لاٻارا لاشن جا،
وسي وئي موت جي بارش، ٿيو جيون معملو آهي.

لڳي انسان جاتيءَ ۾، اجان انسانيت آهي،
ملي ويندين ٽٽل دليون، گھٽي ويو فاصلو آهي.

ورائي واءُ شل داتا، ملن هند پاڪ جون دليون،
رڪان ٿو آس مان اهڙي، دعا جو مرحلو آهي.
(گجرات جي زلزلي کان پاڪستان جي موڪليل مدد ۾)

# غزل

اسان ڪي دوستو هر دم، جهان ۾ اَمن گهرجي ٿو،
ڏئي جو جنگ جون ڌمڪيون، انهيءَ جو دفن گهرجي ٿو.

سڄي سنسار ۾ سرهاڻ جون، گهرجن فضائون ٿيون،
اسان کي مهڪندڙ سهڻو، سدائين عدن گهرجي ٿو.

غريبن جي حقن تي جو، هٺي ڌاڙو ڪٽي ظالم،
انهيءَ جي پوري هستيءَ لئہ، اسان کي دمن گهرجي ٿو.

وٺن رشوت ڪروڙن ۾، تڏهين پيي معتبر سڏجن،
سياسي تن حرامين لئہ، اسان کي ڪفن گهرجي ٿو.

اسين پارت جي قومن ۾، جيئڻ چاهيون ٿا عزت سان،
اسان کي سنڌ جهڙو ئي، سدا لئہ وطن گهرجي ٿو.

مذهب جي آڙ ۾ جيڪي، وهائن ٿا لهو هر هنڌ،
ڪرڻ وحشين کي مارڻ جو، اسان کي جتن گهرجي ٿو.

وٺي هر روح کي جيڪا، لکون پيا شاعري اهڙي،
هجي طاقت جي لفظن ۾، اهو ئي سخن گهرجي ٿو.

مني ڪوئل جي ڪوهوڪو، بلبل جون منيون لاتيون،
هجي گونجار پونئرن جي، اهوئي چمن گهرجي ٿو.

نہ ڪنهن جي دل وچوڙي جي، چرن جي باهہ ۾ پڃري،
ملن محبوب پيا مرڪي، انهن جو جشن گهرجي ٿو.

# غزل

ٽوڙي پيا دشمني اڇو، دوست ٻڌي ڏسون،
هڪ ٻئي جي دلين مان ڪا محبت ڪڍي ڏسون.

اڄ پاڻ ملي پيار جون، راهون ڪي سنواريون،
جوڙي وفا جي راهہ، جهان کي وٺي ڏسون.

جن جي دلين ۾ درد اڇي، دونها دکايا،
سورن جا داستن انهن جا، سڻي ڏسون.

شاعر ٿي لکون شعر جي گرجن پيا شير جان،
آڻين انقلاب غزل، سي چئي ڏسون.

کهڙي بہ خطي ۾ ٿي جلي اَمن جي هولي،
هر ظلم مٿان قهري ٿي بادل وسي ڏسون.

هل پاڻ هلون سنڌ، سنڌين سان ڪريون رهاڻ،
وڇڙيا جي وطني تن سان، روئي پسي ڏسون.

جنگ جون ڏئي جي ڌمڪيون، عيدون پيا ملائن،
اڄ پاڻ حرامين جا وڏي ڪنڌ ڪڍي ڏسون.

دنيا مان ڪڍي ڌرم جي، ارٿي پيا جلايون،
ٽڪرا ڪري مذهب کي، پوري پڇي ڏسون.

# غزل

اي حسينا حسن تنهنجو، ڪيڏو عاليشان آ،
ٿو لڳي مونکي تہ منهنجي، پيار جو خيابان آ.

شربتي تنهنجي اکين مان، نت ڏنو وهندو شراب،
روح منهنجو پڻ شربين جان، بڻيو بيمان آ.

ڳل ڳلابي سرخ سهڻا، ڪنول ڳل جهڙا لڳن،
ڪيتري هلچل ڏسڻ سان، ويو مچي طوفان آ.

تنهنجي زلفن جيڪريان‌مان پيت کهڙي پونئر سان
گل سجايان مان انهن ۾، بس اهو ارمان آ.

تون هلين ان دم ٿي چمڪي چير تنهنجي ساز جان،
ڪيترو سُر سان وجي ٿي، چڻ ستاري تان آ.

مون ڏنو توکي تہ دل ۾، عاشقي جاڳي پئي،
عاشقيءَ مان شاعريءَ جو، ويو وڌي امڪان آ.

پيت تنهنجيڪنهن بہ وينگس سانڪري سگهجي نٿي.
تنهنجي دم سان ئي حسن جو، پڻ وڌي ويو مان آ.

ڪل ملائي مون نہ تو جهڙي ڏٺي ڪا اپسرا،
سنگمري تنهنجو بدن، هر غزل لئہ وردان آ.

# غزل

اسان جي هر شعر ۾ آ، لڪل جذبو بغاوت جو،
ننگو هر دم ڪريان ٿو مان، اصل چهرو سياست جو.

اڇوڪي دوستن مان پڻ، محبت موڪلائي وئي،
سنڀالي ٿا رکن دل ۾، حرف هرڪو عداوت جو.

ڏسو هر طرف دنيا ۾، ملي بيهودگي وحشت،
مري ٿو بيڪفن بڻجي، سچو ماڻهو شرافت جو.

صرف نالي جي خاطر ڪن، ڌرم ۽ ڪرم نيڪيءَ جا
مکوٽن ۾ ڏڪيل چهرو، ڏسون ٿا پڻ سخاوت جو.

مذهب جي ڏونڌ ۾ ڏبجي، دليون ويبون غريبن جون
ڌرم ڏونگي مذهب وحشي، سندن رتبو خرافت جو.

ڪريون فرياد ڪٿ پنهنجو،او مالڪ ڪجهه ٻڌائي ڇڏ،
اسان جي سوچ ۾ شامل، ٿيو آ مرض نفرت جو.

اَمن جي آس رکندي پڻ، ڏڇون ٿا جنگ خورن ڪان،
پلي ويا سين اسين هر گڻ، جنگ جي هر غلا فت ڪان.

ڏسان آزاد سنڌوءَ کي، وڃان واپس وطن پنهنجي،
وطن لئہ پيار جو هردم، جذبو آ عبادت جو.

اسان جي هر سخن هر لفظ ۾، انساني آشائون،
ٿڙي پئي شاعري 'پياسي'، ٿڙيو چهرو عبارت جو.

# غزل

اوهانجي پيار  جي ڪيڏي، اسانتي ٿي رضا آهي،
اسان کي چڻ تہ جنت جي، لڳي سرهي هوا آهي.

لڳن سرمئي هوائون ٿيون، جسم آ جن وڏو ٺاري،
لڳي ساوڻ جي ٿي منڙي، وسي رم جهم گهٽا آهي.

ڪڪر ڪارا ڪري گجگوڙ، لٽا چڻ افق مان آهن،
انهن جي پڻ بدولت ئي، مڌر چانئي فضا آهي.

لهي وئي پياس ڌرتيءَ جي، سهاڳڻ ٿي پئي سائي،
نچن پيا مور مستيءَ ۾، سياڳي چڻ صدا آهي.

اسان جي نور ۾ نچنديون، رهن ٿيون نيهن جون لهرون
ڦٽي پيو پيار آ دل جو، اسان جي سا ادا آهي.

گلابي پنکڙيون تنهنجي چپن تي رقص پيئون ڪن،
اوهان جي هٿن تي ڪيڏي، لڳل سهڻي هنا آهي.

اوهان جي پيار جي پوجا، ڪئي مون بت فروش جان،
سجائي مورتي من ۾، مڃيو تنهن کي خدا آهي.

ٻرن جي بد نگاهن کان، بچي شل پيار پيو پنهنجو،
ٻرن دليون پلي تن جون، انهن لئہ سا سزا آهي.

# غزل

انقلابي سوچ جي چا، شاعري يارو لکان،
يا وقت جي هر روايت، ظاهري يارو لکان.

ڪيترو بک کان مري ٿو، اڄ بہ آدم جو عيال
چا مان سرمائيدار جي پيو، برتري يارو لکان.

هر طرف کان خون جي، بدبوءِ هوائن مان اچي،
چا هتي ڪا رهزنن جي، رهبري يارو لکان.

اڄ سياست جي رنديءَ جو، مرتيو اعليٰ ٿيو،
خون سان لٽ پٽ انهيءَ جي، صابري يارو لکان.

وطن جي پڻ درد کان، سمنديون رهن هر دم اکيون،
چا هتي خوني مذهب جي، مخبري يارو لکان.

هر غزل ۾ چڻ تہ منهنجو، نا خدا موجود ٿيو،
شاعريءَ ۾ خود جي پِيو، بيغمبري يارو لکان.

ولولو ڪوئي ولوڙي، خون پيو پاڻي ڪري،
راڄنيتيءَ جي حقيقت، سرسري يارو لکان.

سچ اهو آهي تہ مونکي، جنگ گهرجي هڪ وڏي،
بس اهائي شاعري پيو، بيسري يارو لکان.

پر ڪٿي ڪا چٽنگ دل ۾، پيار جي آهي لڳل،
بس انهيءَ هڪ حور جي پيو، دلبري يارو لکان.

# غزل

چا مان پنھنجي درد دل جي، بيوسي يارو لکان،
ڪيئن خدا جي مون ڪئي ڪا، بندگي يارو لکان.

ڪيترو آندن جي بک کان، پڻ مرن پيا ٻارڙيا،
چيخندڙ تن جي سموري، زندگي يارو لکان.

هر طرف طوفان ظلم جو، شور غل مندرائي پيو،
درد کان جلندڙ دلين جي، ڪجھ غمي يارو لکان.

اڄ سياست جي رڳم تي، ناچ هر شودو ڪري،
چا حرامين جي هتي ڪا، رهزني يارو لکان.

ڪيترو مايوس ٿي، ساريون اجان پيا سنڌ کي،
وطن جي سارن ۾ پنھنجي، غم غشي يارو لکان.

ڪيڏو دل ۾ خود ڪڙهان ٿو، انڌ ڌنڌ هر هنڌ ڏسي،
پيو رهي مجبور خود جي، خامشي يارو لکان.

ڪيڏو بينائي اکين جي، روح ۾ واسو ڪيو،
ڪيئن اندر جي پنھنجي ساري، روشني يارو لکان.

ويا ٻجھي سارا اميدن جا ڏيئا ٿم ٿم ڪري،
غم ضدا چا پنھنجي دل جي، برهمي يارو لکان.

# غزل

ڪوئي درد دل کي، وکوڙي ڇڏي ٿو،
اندر خون دل جو، ولوڙي ڇڏي ٿو.

ائن ڪيڏا ڪر موڙي، احساس دل جا،
نصيبا اسان جا، ڪي ڦوڙي ڇڏي ٿو.

محبت جو جذبو، جوان آهي دل ۾،
وقت تنهن کي هر دم، جهنجهوڙي ڇڏي ٿو.

اوهانجي وفا جي، دلاسن تي جئندي،
سدا نير نيڻن جو، ٻوڙي ڇڏي ٿو.

صدين کان اکين ۾، محبت سنڀالي،
عشق سور خود جا، ٻه چوڙي ڇڏي ٿو.

بغاوت ڪريان گر، اوهان ساڻ ڪائي،
اهو خيال دل کي، نپوڙي ڇڏي ٿو.

اسان ساهه ۾ سانڍي، الفت وطن جي،
وڇوڙو جگر کي، نچوڙي ڇڏي ٿو.

مرڻ کان اڳي موت ٿيندي سنڌوءَ ڏي،
هي آشا جو جذبو، ٻه جوڙي ڇڏي ٿو.

اچي ڪاش منهنجي، اکين ۾ ڏسين هان،
جدائيءَ جو احساس، توڙي ڇڏي ٿو.

# غزل

انساني محبت کي گهٽائڻ لڳا لڳا،
هي دين ڌرم ڪيڏو تپائڻ لڳا لڳا.

هر ملڪ ۾ آ مذهب اچي ممڻ مچايو،
انسان رت جا نالا، وهائڻ لڳا لڳا.

انساني روايت آ محبت ۽ دوستي،
مذهب جي آڙ ۾ ڪي قتائڻ لڳا لڳا.

اَمن جا پکي راهه ۾ دم توڙي ٿا وجهن،
ڪي ديپ خوشحاليءَ جا وسائڻ لڳا لڳا.

ڪي ڊرگ ۽ هشيش جي لت ۾ خوش رهن،
سي موت جا سگريٽ چڪائڻ لڳا لڳا.

ڪي جنگ خور وحشي، پرکي پيا مگر،
سي موت جا هٿيار هلائڻ لڳا لڳا.

سمجهان ٿو هي انسان آهي زهري جانور،
هي ائٽمي بمباز بنائڻ لڳا لڳا.

ڪيڏو نہ صداقت سان چوي سچ ٿي شاعري،
سچ غزل ’پياسي‘، جا ٻڌائڻ لڳا لڳا.

# غزل

ڪيڏو نہ غزل گيت اُڏامڻ لڳا لڳا،
هي هنس حسينن جا ويامڻ لڳا لڳا.

قربان ڪري سنڌ کي، آزاد ٿياسين،
روئن ٿا اجا روح، وسامڻ لڳا لڳا.

دولت آ ديس جي ٿي امانت امير وٽ،
سڀ چور ۽ چالاڪ، اُپامڻ لڳا لڳا.

ڪهڙا نہ ڪذا ڪرم ٿا ڪن، پيٽ جي خاطر،
هان پاپي تن جا پيٽ، ڪي ڀانيڻ لڳا لڳا.

عورت جيحسن جون ٿيون هلن ڪيئي بزاريون،
عصمت جا ڪونا جوٽ جا ڀاسڻ لڳا لڳا.

گلشن مان اچي ڪين ٿي ڪا مهڪ گلن جي،
مايوس بڻي گل بہ ڪومائڻ لڳا لڳا.

دولت جي زور تي ٿيون هلن راجنيتيون،
ڪيئي وطن فروش وڪامڻ لڳا لڳا.

ڪيڏو نہ ديس خون ڏئي ورتي آزادي،
ها ديس ڀڳت ڪيڏو آجهامڻ لڳا لڳا.

’پياسي‘ جي آتما ئي روئي خون جا آنسون،
جذبا ڪي سندس جوشي وسامڻ لڳا لڳا.

# غزل

ڳڏ ڪٽي توکي اکين ۾ پيو هلان،
تنهنجو چهرو پيو تصور ۾ چمان.

خواب جي هر هڪ پهر ۾ اي پرين،
رات ساري سيني لائي پيو سمان.

جي پري مونکان وڃي ڪڏهين رسي،
مان خدا جو قسم تو لئہ پيو رُئان.

دل جي دريچي ۾ اکيون اٽڪائي پڻ،
تنهنجي صورت موهنيءَ کي پيو ڏسان.

رات کهبو ويس پائي ٿي اچي،
تنهنجي خيالن کان تہ مان غافل رهان.

دل ٿي چاهي زندگيءَ جي پيڙ ۾،
ياد تنهنجيءَ ۾ سدائين پيو جيئان.

منهنجي هر هڪ سخن ۾ تنهنجو وجود،
جو لڪان ۽ جو چوان تو لئہ چوان.

صرف سچ جو اولڙو مونتي رهي،
مان خدا جي سا مهرباني مڃان.

لعنتون ڪيڏيون وسايان جنگ تي،
خواب هردم اَمن جا ئي پيو لهان.

مذهب ماري آدمي بي موت پيو،
مان اها وحشت ڏسي سسڪيو پوان.

## غزل

اوھانجي بيو فائيءَ جو، اگر دل ۾ زخم ٿيندو،
تہ نازڪ نيھن جو جذبو، سڙي پوندو ڀسم ٿيندو.

محبت جي ئي دم سان ٿيون مچن ھي محفلون موجي،
محبت کان سواءِ ڪنھن جو بہ، ڪوڙو ھر قسم ٿيندو.

جتي ڪن عاشقن جي عشق جا، جذبا ٿا دم ٽوڙن،
خدا جي پاڪ دامن تي، اھو بيحد ستم ٿيندو.

سدائين نيھن جا نغما، لبن تي مشڪرائن ٿا،
اکني ۾ پيار جو ھردم، پيارو ڪو شرم ٿيندو.

رھن ٿا يار ٿي جيڪي، جيارا جان جا دوست،
اھوئي باوفا سھڻو آ يارن جو ڪرم ٿيندو.

اسان جي اندر ۾ وينو، اچي آ روپ راول جو،
ھلائي راھہ ٿو سچ جي، اھو پو ڪيئن ڀرم ٿيندو.

سچي انسان جاتيءَ جي، ٿو دردن کي ڪري حاصل،
اھو ئي رھنما رھبر، اھو ئي آ پرم ٿيندو.

ڏڪاريان ڪوڙ کي ھر دم، سچو سچ ساھہ آ سرتو،
سدائين راھہ سچ جي ۾، اسانجو ھر قدم ٿيندو.

سدا انسان جي عظمت، وڏي ھر حال ۾ ’پياسي‘،
اسان جي شاعريءَ ۾ صرف، اھڙو ئي عزم ٿيندو.

# خوديءَ جو درد
## غزل

ڪھڙي پيو درد غم ڪان، ھر دم ڏڪان ڏڪان،
ھر ھر چو ذھن ۾ پيو، ايڏو لڇان لڇان.

وسري نٿي اکين کان، تصوير ان جي سھڻي،
پاڳل بڻي مان سڀ کان، ھر دم پڇان پڇان.

ڪا چڻنگ دل ۾ لڳندي، ڀنڀٽ بڻي وئي آ،
رودن ۾ روح سارو، رئندي ڪلان ڪلان.

اھڙو ڪو واءُ ويري، گھلندو رھي سدائين،
وڻ جي سڪن پنن جان، ھر دم ڇڻان ڇڻان.

ھن پيار جي اثر کان، شايد ڪوي مان آھيان،
ناھي خبر شعر ۾، ڪيئن پيو وڻان وڻان.

غربت جون آھون دانھون، غزلن ۾ ڪڇ لکان پيو،
تن ۾ ٿو انقلاب جا، نعرا ھڻان ھڻان.

ھر طرف زندگي آ، ٻرندي رھي ظلم کان،
ھر راھہ رت ڀنل ٿو، آلي ڏسان ڏسان.

پنھنجي ٿو الشعور ۾، سوچان ۽ تڙڦان ھردم،
ڇا خود جي وجود کي پيو، پوري پچان پچان.

تڙڦان ٿو ڪيڏو دل ۾، ڪري ياد سنڌ وطن،
او ڪاش ھڪ ئي ڀيرو، سنڌ ۾ وڃان وڃان.

ھر مرض جو جھان لئہ، ھڪ ئي علاج جنگ آ،
’پياسي‘ اَمن جي آس ۾، جئبو اڃان اڃان.

# حسن ۽ شاعر
## غزل

اوهانجي حسن جون هاڪون، ڪريان ڪهڙيون مٺا جاني،
اوهان لئہ غزل سجهن پيا، ڏسو سهڻا سچا جاني.

اوهان جي دلبريءَ موهي ڇڏيو آ روح منهنجي کي،
اوهان هردم لڳو مونکي، روحاني پيا خدا جاني.

اوهان ۾ خوبصورت حسن جون، ڪيڏيون نشانيون هن،
ڪريان اظهار ڪيئن ڪهڙو، اوهان ٿيا دلربا جاني.

اکين ۾ آتشي اُڏما، پيا چلڪن آبشارن جيان،
اسان بيوس لڳون ڪيڏا، اوهان لئہ پيا سدا جاني.

نظر جي هر ادا سان تون، ڪرين ماٺا ٿي مومل جان،
شرابي اثر ٿئي مونتي، ڏسان پيو سوَ دفعا جاني.

تراشيل بدن بخميلي، ۽ رنگ ۾ چِٽَ گلابي گل،
اچو ٿا منهنجي خوابن ۾، سدائين ناخدا جاني.

جهڪائين نيڻ ٿي پنهنجا، لڳين نوريءَ جيان نرگس،
وڃان قربان ٿي توتان، ائين پيو پل جدا جاني.

نہ تو جهڙي ڏٺم وينگس، ذڪر تنهنجو آ حورن ۾،
اوهان ئي عشق لئہ هردم، لڳو ڪورا نوان جاني.

اوهان جي جسم جي آتش ڪان،منهنجو جسم وگهري پيو،
اوهان جي انگ سان لڳندي، ٻڻي بادل وسان جاني،

محبت هيءَ آ ’پياسي‘ جي، ڪنديءَ تون ياد بارهان،
تون مومل آن مني منهنجي، او منهنجا باوفا جاني.

# غزل

آزاد ڪري وطن کي، مختار ڪنداسين،
سنڌ جي ذري ذري جو سينگار ڪنداسين.

چولين جي چوه سان وهي، ڪاش سنڌ ندي،
ساگر جيان وهي تار تہ ستڪار ڪنداسين.

ڏاندن جا جوڙا هر هلائن پيا شان سان،
کيتن ۾ اَن اُپائي، پيا پندار ڪنداسين.

سنڌوءَ جو هر جوان بہ هوشوءَ جيان هجي،
مرويسون سنڌ نہ ڏيسون گفتار ڪنداسين.

لکنداسين غزل گيت جي آٿين انقلاب،
وڏجي وچن جي ملڪ لئہ تيار ڪنداسين.

ميري نظر سان سنڌ جي سرحد ڏي نهاري،
اهڙي عيار کي بہ چيري چار ڪنداسين.

پوجيپتين جا پير اکوڙي جڙن منجهان،
هڪ نئون نظام سنڌ جو بختيار ڪنداسين.

ڏينداسين سبق اهڙو پيا مخلوقات کي،
انسان ۽ انسانيت سان پيار ڪنداسين.

اجلو ڪنداسين پيار جو وهنوار جهان ۾،
کهڙي بہ ملڪ ساڻ نہ تڪرار ڪنداسين.

سنڌيت جي جوت پاڻ جڳائي سدا رکون،
اهڙي عمل کي روح ۾ بيدار ڪنداسين.

گهر گهر ۾ شيخ اَاز ۽ گونجائي شيام کي،
’پياسي‘ جي شاعريءَ کي گلزار ڪنداسين.

## غزل

اي پرين مونڊي ڪٽي هان، هڪ نظر جي پيار جي،
مان وڃان هان گهورجي، تنهنجي مٿان ڇڻ وار جي.

تنهنجي جوين جوت جون، جرڪي پون هان ٻجليون،
بي مثل تنهنجي حسن جي، ٿئي ها حد سينگار جي.

ڪيترا قربان توتي، ٿي پون هان ناخدا،
سرد آهون پڻ ٻڌي هان، عشق واري يار جي.

ڇا ڪريان اظهار تنهنجي، حسن جو ڪنهن غزل ۾،
تون تہ هن روئي زمين تي، هر دوا بيمار جي.

ڳلن تي تنهنجي گلابي، گل ٽڙن ٿا ناز سان،
پرم ٿو اهڙو لڳي ڇڻ، وئي فضا هٻڪار جي.

هان گلابي پنکڙيون، تنهنجي چپن تي ٿيون ٽڙن،
واس ٿي واسي هوا ڇڻ، هيءَ هوا گلزار جي.

ڪاش تنهنجي قرب جي، ڪائي نظر مونتي پوي،
پيار ٿئي پورڻ اسانجو، ٿئي رضا اقرار جي.

هر شعر ۾ ذڪر تنهنجو، ٿو ڪريان سا شاعري،
هر سخن تو بن اڌورو، هر غزل آ خار جي.

# غزل

ڪيڏا اونڌاها لڳن ٿا سوجهرا
ڪيئن نہ جيون جا ڳهٽجي ويا دائرا.

ساز جيون جا نٽا سر سان وڇن،
موت جا اهڃاڻ ٿي پيا موڪرا.

پيار ٿي پيو آ نڌڪي رن جيان،
درد جا ڪيڏا اکين ۾ وهڪرا.

ڪچ نظر ڦيرايو پنهنجي چوطرف،
آدمي سياسي بڻي پيا بيسرا.

ڪيتري آتش جي سيتل آ هوا،
واسنا جي راند ڪيڏن چوڪرا.

جسم کي ٿيون اڌ ننگو پنهنجي رکن،
حسن جون راهون ٿيا رستا ويڪرا.

چانوَ درقت پڻ ڌيڻ پلجي ويا.
ڪيئن نہ زهري آ ڪڙي ٿي ماجرا.

اَمن جون هاڻي اميدون ڪيئن رکو ن،
جنگ جا چاهڪ ملڪ ٿيا ڪيترا.

مذهب اڄ جي دور ۾ وحشي بڻيو،
سڀ خدا ڪان دور ڪيڏا پرپرا.

بخش ذرتيءَ کِ اَمن هاڻي خدا،
شعر منجهان ڏس تہ ٿي پيا بانورا.

شاعري رودن مچائڻ آ لڳي،
غزل ’پياسي‘ جا بڻي پيا چيڳڙا.

# غزل

چو پلا ميري نظر سان، پئي ڏسين چا لئہ ڏسين؟
نت ڪري ڪي ناز نخرا، پئي ڪلين چا لئہ ڪلين؟

مون سدا تنهنجي گليءَ جا، سو دفعا ڦيرا ڪيا؟
تون بہ مون لئہ ساهيڙين ڪان،پئي پڇين چا لئہ پڇين؟

ڪٿ ملين رستي يا راهن ۾ ڦيرائي ڪنڌ چڙين!
پر پنيان مونکي سدائين، پئي تڪين چا لئہ تڪين؟

مون سسان توکي ملڻ جون، دل ۾ اٿن ٿيون آرزو!
چو خوابن ۾ تون مونسان، پئي ملين چا لئہ ملين؟

نيڻ آلودا ڪري، غمگين چو ايڏو رهين!
پاڳلن جان پاڻ ڪانئي، پئي رسين چا لئہ رسين؟

ڪر نہ تون ايڏا ڪنارا، پيار جي ٻانهن ۾ اچ!
ڪنهن سبب دل کي اجايو، پئي جهلين چا لئہ جهلين؟

جان کي ٺاري وجهي ٿو، واهُ ڪنهن جي عشق جو!
جسم جي آتش ۾ ايڏو، پئي جلين چا لئہ جلين؟

# غزل

عمري دراز جون نہ اسان کي سزائون ڏي،
محبوب نہ ايذيون ڪي، اسان کي دعائون ڏي.

مون پيار کي پنهنجو ئي خدا چاڱي مڃيو آ،
ڪي محب نہ مارڻ جون اسان کي ادائون ڏي.

تنهنجو ٿو سدا روپ اکين ۾ ڏسان پرين،
ديوانگيءَ جون ڪي نہ اسان کي جفائون ڏي.

زخمي نہ زماني ۾ ٿئي، عشق اسان جو،
ايذيون نہ جلائڻ جون اسان کي هوائون ڏي.

زئندا پيا احساس اندر منهنجي وفا جا،
هن پيار ڪرڻ جون نہ، اسان کي قضائون ڏي.

شايد مون پرم پالي رکيو، ڪوڙي وفا جو،
هن پيار ڪرڻ جون نہ، اسان کي خفائون ڏي.

کلندا تہ ڪڏهين روح جي، دردن جا در دريون،
ايذيون نہ چلائڻ جون اسان کي خطائون ڏي.

مان پيار ڪندس تو سان صرف، محب ’پياسي‘،
جي ڏين تہ محبت جون، اسان کي وفائون ڏي.

# اَمن جو درخت

## غزل

هو وحشي امن پيار جو، درخت ڪٽي رهيو،
خوني ڪٽي ڪهاڙو آ، وڻ کي وڍي رهيو.

شايد ٻيا ٻيا ڪري، وڻ کي ڪيرائيندو،
مذهب جي وٽي آڙ، محبت ڦٽي رهيو.

ڳهائي ڇڏيندو ٻگهڙ جان، انسان جو وجود،
انسان جي تهذيب، صدين جي لٽي رهيو.

ڪيڏا ٿو ڏئي ڳهاوَ، مذهب خوني جهان کي،
خود آدمي آ زهر، سندس جو چٽي رهيو.

اڄ ڪيڏي سياست جي، گندگيءَ جي سڙن آ،
ملهه پيار محبت جو، ماڻهو مٽي رهيو.

ٿورو نہ حيا شرم ٿا، انسان ۾ ڏسون،
ڪيڏو نہ مڪوٽن سان شرم کي ڍڪي رهيو.

شيطان جو رتبو بہ ڪيڏو، دل فريب آ،
بيهودو ٻڻي آدمي، خود کي سٽي رهيو.

ڪنهن مان رکون ڪا آس، وفا پيار جي يارو،
بس يار محبت جو سلو، آ پٽي رهيو.

جنگ جون ڏئي تو ڌرمڪيون، وٽي آڙ مذهب جي،
مذهب سندس جي ملڪ ۾، نفرت چٽي رهيو.

’پياسي‘ ٿو لکي ڪيڏا، سچائيءَ جا داستان،
جڳ جو چٽر، شعر ۾ پنهنجي چٽي رهيو.

(آگري جي شڪر وارتا جي فيل ٿي وچڙ کان متاثر ٿي لکيل)

# غزل

ستم جو ھي احساس ڪائڻ لڳو آ،
سمنڊ سوچ جو دل کي پائڻ لڳو آ.

ڏسي آدميءَ جي زھن جي غلاظت،
خدا خود جا ڳوڙھا وھائڻ لڳو آ.

ڏسي بيوسي خود خدا جي ته روئي،
اُفق پونءِ کي پڻ پسائڻ لڳو آ.

جنم ڏئي تي آيل ۽ پالي پتا ته،
ڏسو تن کي فرزند ستائڻ لڳو آ.

رڳو نار الته وھائي و قت ته،
لھو آدميءَ کي جلائڻ لڳو آ.

ذڪر؛دوستن جو پيلا چا پڏايون،
رڳو يار ياريءَ کي لوئڻ لڳو آ.

مرم جو ڏسون منھن آ ڪيڏو ڪومايل،
شرم بيشرم تي ڏڪائڻ لڳو آ.

وطن جو وڇوڙو وڏي ھر گھڙي ته،
غلاظت مذھب جي چڪائڻ لڳو آ.

سندم سوچ ڪان خود ڪمبي وينو ’پياسي‘،
حياتيءَ جو ھر پل تپائڻ لڳو آ.

# غزل

زندگيءَ جو ڏوڙ بي معنيٰ رهي،
بس رهي آ جي ڦڪا ڪانا رهي.

ڇا مڄون ڪوئي آ مقصد جيئڻ جو،
ڇاهہ هر خالي آ افسانا رهي.

هر طرف بيهودگي منڊرائي پئي،
پريت هر هنڌ آ صرف طعنا رهي.

جسم جي آتش ۾ ڪيڏو تاءُ آ،
عاشقي شمع ۽ پروانا رهي.

بيوفائي خون جي ساڙي جسم،
ڀائيچاري چڻ تہ بيگانا رهي.

سنڌ لئہ ڪيڏو سڪي پڻ ساهہ پيو،
حب وطني خالي پئمانا رهي.

ذائقو ويو هر لذت جو واسجي،
دوستي ناهي ڪا جيءَ جانا رهي.

ڪٿ سچائي جي نئي خوشبوءِ اچي،
ڪوڙ جي آهي خير خانا رهي.

ڇا لڪن ٿا شاعري شاعر هتي،
شعور بن آهي صرف ڳانا رهي.

# غزل

چا هتي سوچيون بقا جا دائرا،
يا سياست جي دغا جا دائرا.

اڄ وفا جي ڪين ٿي خوشبوءِ اچي،
پيا ڏسون سڀ ۾ ڳلا جا دائرا.

زندگي هڻ پٽ ۾ آ گذري رهي،
ڪٽ سندس ڪوليون خفا جا دائرا.

ڪالهه تائين جت محبت هئي صحي،
هاڻ اُت آهن جفا جا دائرا.

غم صدا چهرا ڪڌهين ٽڙندا ڪٿي،
گم لڳن ٿا ناخدا جا دائرا.

ڪا حسينا دل ڪي موهي ٿي وجهي،
ڪيئن جلن پيا اُت وفا جا دائرا.

داغ الفت جا ٿا دل ساڙي وجهن،
پيا ڪُرن ڪيئي سزا جا دائرا.

گر سنڌوءَ جي سار جون سوچون اٿن،
ڪيئن وساريون پيا قضا جا دائرا.

پيا سڪون صحرا ۾ پڻ سڙندا رهون،
ويا سڪي بارش گهٽا جا دائرا.

ڪرم هيڏا ٿا جلاوطني سنڌي،
خاڪ ٿي بندگي دعا جا دائرا.

# غزل

منو هڪ درد جو جذبو، اگر دل ۾ جوان آهي،
تہ سمجهو خود خدا پنهنجو،اوهان تي مهربان آهي.

اتيئي پيار جا پوپٽ، سدائين ناچ پيا نچندا،
ستارن سان سمورو اندر، ٽڙندو آسمان آهي.

هوائون اُت ستارن جيان، وڃي ڪي ساز ڇيڙن ٿيون،
نچڻ لڳند سمو دل ۾، لڳي پيو جاودان آهي.

ڪکر ڪارا اتي گڏجي، وسن ٿا ميگهہ ملهارون،
لڳي ساوڻ جو مهنو پڻ، اچي ٿيو رازدان آهي.

سمورا گل گلابن جا، ٽڙي پوندا سي ٿارين تي،
اچي ويندو آ مستيءَ ۾، درد جو باغبان آهي.

پنيوريون گنگنائينديون، ۽ نچنديون ناز سان هردم،
ٽڙي پوندو خوشين ۾ پڻ، اندر جو گلستان آهي.

نرم نازڪ چپر سائي، جمي ٿي دل جي ڌرتيءَ تي،
لڳي رنگن ۾ رنگجي ويو، دلين جو آشيان آهي.

درد جي روح ۾ انسان جي عظمت جو واسو آ،
سدائين پيار جو جادو، سندس جي درميان آهي.

درد هڪ ديوتا آهي، مان پوڄيان پيو سدا تنهن کي،
درد ئي هر خوشيءَ جو هت، ’پياسي‘ نگهبان آهي.

# غزل

ستن سُرن ۾ شعر اسانجو، ست رنگي سنسار لڳي،
ڪيڏو منڙو ماکيءَ جهڙو، جيون سان تو پيار لڳي.

هيءَ حياتي ڪهنبو چٽڪو، ماڻ ڪريون ڇو ڇا جو ماڻ،
اڇو مزي ۾ ماڻيون حياتي، جڳ سارو گلزار لڳي.

پريت پريو وهنوار ڪريون ءِ، مانوتا جو مان رکون،
سرهي سڪ سان ملون سيني سان، سهڻو اهو وهنوار لڳي.

ڇا لئہ سوچيون دين ڌرم لئہ، هر مذهب شيطاني،
اسين روحاني پيار ونديون سڀ، اکين کي جنسار لڳي.

ڳاهيون سجايون گيت هزارين، غزلن جا ڳايون گربا،
نيڻ نچن پيا ناچو ٻڌجي، ڇيرن جا چمڪار لڳي.

ديپڪ راڳ نہ ڳايون ڪڏهين، ڳايون ميگهہ ملهارون،
بادل گرجن بجليءِچمڪي، بارش جي وسڪار لڳي.

ڌرتي سائي رهي سهاڳڻ، ان ڦل سبزي جام ٿئي،
نچي ڪڏي پيو مرون ءِ ماڻهو، هرڪو شاهوڪار لڳي.

هريو پريو سنسار بڻي ءِ، ماکي کير جون وهن نديون،
انساني جذبن ۾ روشني پرجي تارون تار لڳي.

نچن اکين ۾ پيار جا پوپٽ، تتليون يونيوريون ڦدڪن،
نينهن جون نهرون وهن روح ۾، سهڻو سو سينگار لڳي.

رچنا رب جي سندر سهڻي، سندر ناريون نر ڏسون،
سڀ کان پيارو جيءُ جيارو، سڀ کي پنهنجو يار لڳي.

هر هڪ شاعر ’پياسي‘ جهڙا، گيت ءِ نظمون خوب لکي،
غزل گلابي وايون منڙيون لکي اهو منٺار لڳي.

## غزل

ڪنهن دل جو اگر دل ڪوئي، ڏاڙو هٽي اچي،
سرهاڻ ان جي پيار جي، خود سان ڪٽي اچي.

ڪيڏي نہ ڪشش ٿيندي آ، ڪنهنجي نهار ۾،
ان دم لڳي ائين ٿو، چڻ پئي پري اچي.

ساروٽي دل ۾ ان جي، اڪثر سدا رهي،
سارڻ سان مهرجبين سا، سامهون نٿي اچي.

چاهيون پيا کهڙي روپ ۾، ملندي سدا رهي،
حاصل ڪرڻ جي اٽڪل، ڪا نٿي سجهي اچي.

ڪيڏو ٿا الشعور ۾، هر پل ۾ سنپاريون،
شايد اڪين جي رستي، دل ۾ هلي اچي.

ديدار نت ٿئي پيو، هر خواب ۾ ائين،
مون سان ملڻ لئہ هر دم، ڏڪندي پلي اچي.

شدت آ ڪيڏي پيار ۾، ۽ بيقراري پڻ،
هوءَ ئي اثر انهيءَ ڪان ڪيئن ٿي پڄي اچي.

هر ڪنهن لئہ دعائون ٿو گهران، توڪان خدايا،
منهنجي اندر جي آس بہ شايد پڄي اچي.

# غزل

نازواداسان تنهنجي نظر تي ڪجي ڪجي،
ڪا پيار جي ويٺا ئي اندر تي وڃي وڃي.

تنهنجي اکين ۾ پيار جو اظهار ڏسان ٿو،
جڏهن ڏوڙندو ٿو عشق، اسان وٽ اچي اچي.

تنهنجو گلابي چهرو، سدا مرڪ سان پريل،
پيو روپ بهارن جو، انهيءَ تي نچي نچي.

نيڻن ۾ حيا جون ٿيون وهن، خاص هوائون،
شبنم تي فضائن سان ملي، جڏهن سجي سجي.

پونئرن نما هي زلف، ٿا رخسار کي چمن،
منهنجو ٿو عشق منهنجي اندر ۾ مچي مچي.

مرڪن جو سدا ميلو رهي تنهنجي لبن تي،
ٿيو خوشنما ڪو پيار، انهيءَ تي بلي بلي.

وک جيڪا کڻي جڏهن ته ڪائي ڊيل ٿي ٿلي،
ڪيڏي نه هوا مست ٿي ان دم هلي هلي.

ڪيڏي نه اجهل پياس، لڳي منهنجي روح ۾،
شايد خدا ڪان ذات ائين ئي ملي ملي.

مڏ مست اهڙو پيار ڪري، ٿي پيس ڪوي،
سجدي ۾ منهنجو پيار پيو ڪيڏو نمي نمي.

تصور ٿو ڪريان تنهنجو نچي روح جي نس نس،
جڏهن پيار ٿو ’پياسي‘، جو چما چم وسي وسي.

# غزل

ياد ۾ ڪنھن جي ساھہ سڪي ٿو،
پيار جو ڪيڏو دم گھٽجي ٿو.

وسري ڪين ٿي ياد وطن جي،
وقت جو ڪانٽو ڪين رڪي ٿو.

ويئي جواني آيو پيداپو،
موت جو مرغو ٻانگ ڏئي ٿو.

ڪيڏو نير وھايو نيڻن،
محب رسي ويو خط نہ لکي ٿو.

جنھن کي ڏسڻ لئہ من ھو وياڪل،
ڪيڏو اکين ۾ هاڻ ٽڪي ٿو.

سچ چئون ٿا ڪنھن کي پلجي،
سو ڪتي جان جڻ پونڪي ٿو.

آج ڪلھہ دوست بڻي ٿو دشمن،
چرو پنئيءَ ۾ سو ٺوڪي ٿو.

رنگ جوين جو ڪيسر خوشبوءِ،
عشق حسن کي هاڻ چڪي ٿو.

’پياسي‘ تنھنجي پيار جو رتبو، ڪيڏو
شرم کان هاڻ لڪي ٿو.

خون جو ھڪ ئي رنگ جھان ۾،
نانگ مذھب جو سڀ کي ڪکي ٿو.

# غزل

پل آئين منا محب اسان جي تڏي تڏي،
اچ ويهہ منهنجي پرسان، گوڏو گڏي گڏي.

ٻچپن جي دوستي پڻ، اچ تائين آ جوان،
ڪيڏو نہ اڪين ۾ سو مرم، پيو پڏي پڏي.

ماضيءَ جون ٻڌايان مان توکي ڪهڙيون ڪهاڻيون،
مذهب جي مار ڪائي، پڳاسين لڏي لڏي.

سنڌ جا ٻڌايان ڪهڙا محبت جا داستان،
ساريون اڃان پيا هند ۾ سنڌ کي چڏي چڏي.

چڏ وقت پراڻو کي ڪريون تازيون رهاڻيون،
سياست جي هتي ماريو آ، ظالم ڏڳي ڏڳي.

هت پنهنجي وطن لئہ نہ ڪا، حب ئي رهي آ،
ماريو آ هند کي ٻہ، مذهب جي ڦڏي ڦڏي،

اچ آهي فضائن ۾ پريو، زهر مذهب جو،
آلودي رت ڪان ڏرتي، پڪاري سڏي سڏي.

بادل نہ اچ وسن ٿا، ملهارون ميگهہ جون،
بک ڪيڏي ٿي آندن ۾، سدائين وسي وسي.

وسري ويا اکين ڪان، شرارت جا اشارا،
دل بيوفا حسن ڪان ڪيڏو ڏکي ڏکي.

مذهب جي لڳي جنگ، جهان ۾ ڪا آخري،
هن زهر جلايو آ، صدين ڪان گندي گندي.

انسان ٿي انساني سکن، هنر جيئڻ جو،
پل پيار جي سنڌو پئي، دلين مان وهي وهي.

# غزل

زندگي گذري گذري سدا غمناڪ ٿي،
بي ڏپي هردم رهي بيباڪ ٿي.

ڪجهه برائيءَ لئہ نٿي سوچي سگهيس،
چيرجي وئي دل سدائين چاڪ ٿي.

ڪيتري دلڪش جيئڻ جي چاهہ هئي،
هاءِ حسرت وئي سموري خاڪ ٿي.

ڪنهن جي يادن ۾ سدا جئندو رهيس،
رات هر گهٽجي رهي رولاڪ ٿي.

پور روٽيءَ لئہ ڪڏهين سڪندو رهيس،
بک مري پنهنجي سدا خوراڪ ٿي.

اي جسينا تنهنجي الفت جو قسم،
بيوفا پنهنجي وفا جي ڏاڪ ٿي.

گرم جوشيءَ سان محبت مون ونڊي،
پيار جي عظمت سدائين پاڪ ٿي.

ڪين هارائي سگهيو دشمن بڻي،
دوستيءَ جي هر نظر ناپاڪ ٿي.

ما لڙيس هردم غريبن واسطي،
پئي اسان جي هر طرف ڪان هاڪ ٿي.

انقلابي مان هئس جوشي جوان،
خون ۾ گرمي هئي الماڪ ٿي.

# غزل

شرم جا لاهي لٽا سڀ، ٿي ننگا نچندا رهن،
بيحيائيءَ جي ڏيڻ ۾، ڪيترو ڳپندا رهن.

ڪيترو خود کي ٿا سمجهن، معتبر ماڻهو اهي،
ڪيڏو بيهودگيءَ سان، گڏ ملي رنڀندا رهن.

ڪيترا ابراهيم دائود جهڙا پارت ۾ ڏسي،
موت جي ڏپ کان انهن کان، پيا سدا ڏڇندا رهن.

چوندڙ وڪي ڇهرا لڙن ٿا، ڪي پنگي ڪي پيل پڻ،
منتري ٻڻجي ملڪ جا، سرخرا سڄندا رهن.

واهه اسانجي لوڪ شاهي، شان ڇا تنهنجو چئون،
غير جي مذهب کان پنهنجي، ملڪ ۾ مرندا رهن.

ڪي رکن ٿا چار زالون، ڪيپ ٻارن جي لهن،
ڪي وري مشڪين هڪ ئي، زال لئہ سڪنندا رهن.

ان پاڻي پڻ هوا، پارت جي ڪائين رعاب سان،
ڳڻ ڳائن پاڪ جا، اهڙا هتي ڇمندا رهن.

ڪائنرن جو هي ملڪ، ناهي خبر ڪيئن جي رهيو،
وير واٽيون واڇي ڪوڙيون، پيا ائين ٻڪندا رهن.

فڪر سان پيا سڀ چئو هت، مان تہ آهيان پارتي،
ڪي ديانند جهڙا ودوان، سڀ ائين چوندا رهن.

ڇا ڪريون خود تي فخر، يا شرم ۾ ٻڏندي مرون،
هن اسان جي ديس ۾، ڏاريا اڄان کهندا رهيا.

ٿا چون دنيا کي ويدن جي اسان واٽي ڏني،
جڳن کان خالي گهڙي جيان پيا ائين وڄندا رهن.

# غزل

هڪ تنهنجو نانءُهجي لبن تي ٻي ڪنهنجي نہ ڪائي رت رتيان،
مان تو سان ملڻ لئہ او مالڪ، ڇئہ ڪهڙي ڪهڙي ست ستيان.

تون ڏاتر سڀ جو ڏيهہ ڏڻي، تون هر ديهيءَ کي مهڪائين،
تو سونهن سجائي ڌرتيءَ جي، مان ڪهڙا تنهنجا چت چتيان.

مان هر پل تنهنجو پيار پسان، مان تنهنجا خواب ڏسان هردم،
هڪ تونئي ملين ٻيو ڪڇ نہ ملي، مان توتان سارا مِت متيان.

ڪو ڪهڙو خدا ڪو ڪهڙو خدا، هت ماڻهن پنهنجو خلقيو آ،
جن ماڻهن کي مونجهارو ڏنو، مان تن جي ساري لت لتيان.

دل تي آ تهہ روڳن جو، مان ماڻهو منجهيل راهن جو،
مان جوڳي ٻڌجي در تنهنجي، اچي دل جا ڪيئي پت پتيان.

مان مورک ڪامي ڪوڙ سچو، تون سوامي سچ جو صاف ڏڻي،
مون تند نہ چوري ڪا تو لئہ، مان وئرت ۾ ٻيو جهت جهتيان.

تون وشو وياپي جڳننات، تو هر ڪنهن ۾ آ نور پريو،
مان پيار ۾ تنهنجي او پريو، ٻيو جنم جنم جا گهت گهتيان.

بس منهنجي من جي مندر ۾، ٻيو تنهنجو هر پل واس رهي،
مان گلن ڦلن جي تنهنجي مٿان، ٻيو صاحب سهٽي چت چتيان.

تو شاعر مونکي شاهہ ڪيو، ٻيو هر رچنا ۾ روح پرين،
مان ساري جڳ جو درد ڪٽي، ٻيو دل جا ’پياسي‘ ڦت لتيان.

# غزل

جنهن جهان ۾ ٻک مريءَ جو، ڳر ڳهلي طوفان پيو،
ان جهان ۾ امن جي، ايندي صدا کهڙي طرح.

جت مرن معصوم ٻچڙا، ڪنهن دوا ڏَرمل بنان،
ات اٻوجهن لئہ ڪو پڇندو، ڪيئن مٺا کهڙي طرح.

هڪ خطي ڪان ٻئي قطي تائين وسي افلاس پيو،
ات خدا جي خلق لئہ، ايندي دعا کهڙي طرح.

جت غريبن جون جلن، ڏيهون ٽيون روٽيءَ واسطي،
اڌ مئن جي مرض لئہ، ايندي دوا کهڙي طرح.

جت مذهب جي نانوَ تي، پاڙيءَ جيان وهندو لهو،
ات محبت جي حسين، ٺهندي فضا کهڙي طرح.

هي سچو آدم جو ساڳر، ڪيئن جيئي پيو ڪيئن مري ،
سڀ قضائون تن لئہ ايندي، ڪا رضا کهڙي طرح.

ڪوئي طاقت ور ملڪ، هر ملڪ جو آ حڪمران،
تنهن حراميءَ ڪي بہ ڏيندو، ڪو سزا کهڙي طرح.

ڇا اسين ماڻهو بہ آهيون، يا ڪ آهيون جانور،
جانور جا سڀ ختم، ٿيندا مدا کهڙي طرح.

ڪي ڇون سالڪ اسين، آهيون خدا جو نور سڀ،
ڪوڙ سڀ سارو ڪٿن پيا، بي وجا کهڙي طرح.

# غزل

هر درد ڏرتيءَ جو سيني سان لڳائيندو رهان،
هن نئين يگ لئہ نوان کي، گيت ڳائيندو رهان.

سپ دلين ۾ ريجھ الفت جو، چٽيان شعرن سان مان،
جيئڻ جي هر آس هر دل ۾، جڳائيندو رهان.

کيڏي قدرت سونهن سان، ساري سڄائي پونءَ آ،
هر کڏو کڻ آبشار سان سجائيندو رهان.

جنگ نہ ٿئي ڪائي جهان ۾، رت نہ ٿئي ڪو رائگان،
اَمن جا پودا دلين ۾، پيو ڪلائيندو رهان.

ڪيئن اُفق ۾ سج چنڊ، تارا ۽ نکشتر ٿا ٽڙن،
ديپ تئن آشا جا هر دل ۾، ٽڙائيندو رهان.

هان اسين انسان آهيون، پڻ رهون انسان ٿي،
پائيچاري کي چپن تي، گنگنائيندو رهان.

پيار جا ساري دنيا سان، سلسلا جوڙي رکون،
اَمن جا کيئي کبوتر، پيو اُڏائيندو رهان.

سنڌ جي سهڻي ستابي، پيا ڏسون پومي سدا،
وطن جي واٽيءَ سان واٽيءَ کي ملائيندو رهان.

ڪاش منهنجي شاعريءَ سان، ٿئي جهان ۾ روشني،
هر اونداهو پکش جڳ مان، پيو هٽائيندو رهان.

هر ڪڙي ول جيان اَمن قولي قلي سنسار ۾،
مذهب خورن کي ڏکائي، پيو پڄائيندو رهان.

## غزل

خوشگوارا زندگيءَ سان، رابطا جوڙي رکون،
هر غميءَ سان پڻ خوشيءَ جا، واسطا جوڙي رکون.

جي حياتي ڏينهن ٿورا، ماڻ پو ڇا لئہ ڪريون،
پيار جا هر آدميءَ سان، سلسلا جوڙي رکون.

هي دنيا اصلي ائين هئي، پڻ اڃان رهندي ائين،
سڀ الڳ رهندي بہ پنهنجا، مسئلا جوڙي رکون.

هر غلاظت آ اميرن جي ملي هر دور ۾،
پاڻ پنهنجا انقلابي، حوصلا جوڙي رکون.

فخر پنهنجي سيپتا تي، سڀ سنڌي هر دم ڪريون،
هندو مسلم سونهن جا سڀ، قافلا جوڙي رکون.

جنگ لڳي چت پت پلي پر، ائٿمي هرگز نہ ڪا،
پوري دنيا سان اَمن جا، مرحلا جوڙي رکون.

ياد پنهنجي وطن جي، وسري نہ وائي سنڌ جي،
سنڌ جي هر راهہ سان پڻ، راستا جوڙي رکون.

پاڻ هڪ نئي دور جا، هت پاسبان سڏجون سنڌي،
سنڌيءَ ٻوليءَ سان پنهنجا، غلغلا جوڙي رکون.